ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 20 اپريل 2024ع بمطابق 11 شوال المکرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 324

ڪراچي ۾ پرڏيهين جي گاڏي تي آپگهاتي حملو، اهلڪار شهيد، ٻه دهشتگرد جهنم واصل

لانڍي جي مانسهرا ڪالوني ۾ پرڏيهي شهرين جي گاڏي تي آپگهاتي حملو ٿيو، پوليس، سڪيورٽي ادارا ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويا، لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي جناح اسپتال پهچايو

شروعاتي طور لڳي ٿو دهشتگردن جو انگ 2 هو ۽ ٻئي پيادل هئا، هڪ دهشتگرد گاڏي ويجهو پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، هڪ دهشتگرد گاڏي تي فائرنگ ڪئي: پوليس

وين ۾ پنج پرڏيهي سوار هئا، سمورا پرڏيهي شهري محفوظ آهن، پرڏيهي شهرين کي محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي، پوليس علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

پرڏيهي زمزمه ڪان ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون ۾ ڪم ڪرڻ ويندا آهن، پرڏيهي جي وين کي موٽرسائيڪل سوار آپگهاتي بمبار ذريعي نشانو بڻايو ويو، واقعي واري هنڌ تان هڪ ڪلاشنڪوف، دستي بمن سان ڀريل بيگ به مليو

ٻن گاڏين ۾ زمزمه ڪان نڪتا هئاسين، مانسهرا ڪالوني ويجهو ڌماڪو ٿيو، ڌماڪي بعد هڪ دهشتگرد گاڏي پٺيان فائرنگ ڪري رهيو هو: سيڪيورٽي گارڊ جو ميڊيا سان ڳالهيون

ڌماڪي جي زخمين ۾ 45 ورهين جو نور محمد، لنگرخان ۽ سلمان مسيح شامل آهن، ٻنهي جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي جڏهن ته زخمين ۾ ڪو به پرڏيهي شامل نه آهي: اسپتال انتظاميا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پرڏيهي شهرين جي گاڏي پرسان ڌماڪي ٿيو جڏهن ته 2 دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته هڪ سيڪيورٽي اهلڪار علاج دوران دم ڌڏي ڇڏيو. ڪراچي جي علائقي لانڍي جي مانسهرا ڪالوني ۾ پرڏيهي شهرين جي گاڏي تي آپگهاتي حملو ٿيو، ٻه دهشتگرد مارجي ويا ۽ ٻن سيڪيورٽي گارڊن سميت 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڌماڪي بعد پوليس، سيڪيورٽي ادارا ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويا، جن مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمين کي ڪٺائي جناح اسپتال پهچايو. پوليس جو چوڻ آهي ته مانسهرا ڪالوني ۾ آپگهاتي بمبار پرڏيهي شهرين جي گاڏي تي ڌماڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: دهشتگردي جو نشانو بڻيل وين واقعي واري جاءِ تي بيٺل آهي

پوليس جي بروقت ڪارروائي سبب
دهشتگردن جو منصوبو ناڪام ٿيو:
شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي جي مانسهره ڪالوني ۾ پرڏيهين سان پيش آيل واقعي جي مذمت ڪئي آهي، سندس چوڻ آهي ته پوليس وقت تي ڪارروائي ڪري دهشتگردن جي منصوبي کي ناڪام بڻايو دهشتگردن سان جهيڙيندڙ پوليس جي جوانن کي ڀيٽا پيش ڪر ٿا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

قومي اسيمبلي جو اجلاس، دهشتگردن کي انهن جي ٻولي ۾ ئي جواب ڏنو ويندو: اعظم نذير تارڙ

اسپيڪر صاحب، اوهان هڪ غير آئيني ڪم ڪيو آهي، اهو ميمبر اسان جو رڪن ناهي پر اوهان ڪائنس حلف ورتو، جيڪڏهن اوهان اجلاس آئين هلائي رهيا آهيو ته اسان ڪورم جي نشاندهي ڪنداسين: نور عالم خان

ملڪ ۾ آئيني ۽ قانوني شين جي ڪوٽ آهي، مهانگائي جا مسئلا آهن، اسان قسم کنيو آهي ته آئين جي پاسداري ڪنداسين، آئين جي ڀڃڪڙي ٿي رهي آهي: مخالف ڌر اڳواڻ عمر ايوب

حڪومتي ۽ اپوزيشن ٻنچن ۾ ڇڪتاڻ نظر اچي رهيو آهي، پارليامينٽ جي صبر کي چئلينج ڪيو ويو ته هتي ڪو به ماءُ جو پٽ ڳالهائي نه سگهندو: پ پ اڳواڻ قادر پٽيل

حيرت آهي ته قانون ڪير پڙهائي رهيو آهي، خبر ناهي قانون ڪٿان پڙهيو پيو وڃي، اجلاس جاري آهي تقرير تي بحث ايجنڊا تي اچي ويندي، صدر جي تقرير دوران جيڪو ٿيو اهو شرمناڪ آهي: اعظم نذير تارڙ

5 ڌماڪن کان پاڪستان دهشتگردن جي نشاني تي آهي، انهن عنصرن خلاف قدم کنيا پيا وڃن، دهشتگردن کي ملڪ ۾ واپس آندو ويو، دهشتگردن سان ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه ٿينديون

اسلام آباد (م ڊ) قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ هڪ ڀيرو وري ان معاملي تي حڪومت جي پاليسي واضح ڪندي چيو آهي ته دهشتگردن سان ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه ٿينديون. اسپيڪر اياز صادق جي صدارت هيٺ ٿيل قومي اسيمبلي جو اجلاس شروع ٿيو ته سني اتحاد ڪائونسل جي پير ظهور حسين قريشي ۽ جي يو آءِ جي صدف احسان قومي اسيمبلي جي ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ قومي اسيمبليءَ ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ڪڇي جي ڌاڙيلن خلاف جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان گڏيل آپريشن جو فيصلو

محسن نقوي جي صدارت هيٺ نيڪٽا هيڊ ڪوارٽر ۾ نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد لاءِ جائزي ڪميٽي جو اجلاس

وفاقي گهرو سيڪريٽري، نيڪٽا سربراه، ڊي جي ايف آءِ اي، چئني صوبن، آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ اسلام آباد جا آءِ جيز به شريڪ

ڪڇي جي علائقن مان شرپسندن جو خاتمو ڪيو ويندو، ڊرونز سميت جديد ٽيڪنالاجي کي استعمال ۾ آندو ويندو: محسن نقوي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪچي جي علائقن ۾ موجود شرپسندن جي مڪمل خاتمي لاءِ جديد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وفاقي وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

غير پارلياماني ٻولي جي استعمال تي
جمشيد دستي ۽ محمد اقبال جي اسيمبلي
رڪنيت هڪ اجلاس لاءِ معطل

اسلام آباد (م ڊ) قومي اسيمبلي اسپيڪر اياز صادق قومي اسيمبلي ميمبر جمشيد دستي ۽ محمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صدر جي تقرير دوران گوڙ ڪندڙ ميمبر پولا قرار، مخالف ڌر آصف کان ٻڇي ٿي: بلاول ڀٽو زرداري

اسان ته آمريتن جا مقابلا ڪيا، انهن کان ڊڄڻ وارا ناهيون، اپوزيشن جي ٻن ميمبرن جي معطلي ضروري هئي

هڪ مثال ضرور سيٽ ڪرڻ گهرجي ته پارليامينٽ جي رولز جي دائري ۾ رهي ميمبرن کي ڪم ڪرڻ گهرجي

دائري ۾ رهي ڪم ڪيو ويندو ته اپوزيشن کي ويلڪم ڪنداسين، اپوزيشن وارا آصف کان ڊڄن ٿا

اسلام آباد (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صدر آصف علي زرداري جي تقرير دوران گوڙ ڪندڙ اپوزيشن ميمبرن کي جهنگل جو پولو قرار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پارٽي اڳواڻ ملاقات ڪندي

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 100
انڊيڪس تاريخ جي بلند ترين
سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ 100 انڊيڪس تاريخ جي بلند ترين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وڏي وزير مراد علي شاهه پاران مانسهره ڪالوني واقعي جو نوٽيس، رپورٽ طلب

پوليس جي بروقت ڪارروائي سان پرڏيهي مهمان محفوظ رهيا، هڪ گارڊ زخمي ٿيو: رپورٽ

دهشتگرد ڪير هئا، ڪٿان آيا هئا ۽ سندن مددگارن سميت معلومات حاصل ڪئي وڃي: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ڪراچي جي مانسهره ڪالوني ۾ پرڏيهين جي گاڏي تي ٿيل حملي جي مذمت ڪندي آءِ جي سنڌ کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي وڏي وزير مراد علي شاهه کي ڏنل رپورٽ موجب، پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عالمي مالياتي ادارن آءِ ايم ايف کان مختصر مدي وارو پروگرام وٺڻ جي صلاح ڏئي ڇڏي

واشنگٽن ۾ پاڪستان جي معاشي ٽيم جي مالياتي ادارن ۽ دوست ملڪن جي اختيارين سان غير رسمي مشاورت

عالمي مالياتي ادارن جي اختيارين پاڪستان جي معاشي ٽيم کي آءِ ايم ايف کان وڏي عرصي بجاءِ ٿورڙي وقت وارو پروگرام وٺڻ جي صلاح ڏني

ادارن ٽيڪس نظام کي ڊجيٽلائيز ۽ هر قسم جي رليف کي ختم ڪرڻ جو مشورو ڏنو، حڪومتي ڪمپنين جي تيز رفتار نجڪاري لاءِ به چيو

واشنگٽن (م ڊ) عالمي مالياتي ادارن پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان مختصر مدي وارو پروگرام وٺڻ جي صلاح ڏئي ڇڏي. واشنگٽن ۾ پاڪستان جي معاشي ٽيم عالمي مالياتي ادارن ۽ دوست ملڪن جي معاشي اختيارين سان غير رسمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

بلوچستان جي 14 رڪني ڪابينا حلف کڻي ورتو

ڪابينا جي حلف برادري واري تقريب، بلوچستان جي گورنر ملڪ عبدالولي ڪاڪڙ ڪابينا کان حلف ورتو

مير صادق عمراڻي، علي مدد جتڪ، ظهور بليدي، نور محمد دمڙ، سردار فيصل جمالي، سردار سرفراز ڊومڪي، عبدالرحمان کيتران شامل

مير سليم کوسو، مير عاصم، بخت ڪاڪڙ، طارق مگسي، شعيب نوشيرواني، راحيلا حميد دراني ۽ مير ضياءُ الله لانگو به حلف کنيو

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي 14 رڪني صوبائي ڪابينا حلف کڻي ورتو. بلوچستان ڪابينا جي حلف برادري واري تقريب گورنر هائوس ڪوئيٽا ۾ ٿي، بلوچستان جي گورنر ملڪ عبدالولي ڪاڪڙ ڪابينا کان حلف ورتو. ڪابينا ۾ مير صادق عمراڻي، علي مدد جتڪ، ظهور بليدي، نور محمد دمڙ سردار فيصل جمالي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

هن سال اسان به حج معاملن جي نگراني ڪنداسين: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

هر سال 5 _ 5 ماڻهو سيڪريٽرين ۽ وزيرن طرفان موڪليا ويندا آهن

جيڪڏهن ڪنهن ٽيڪسي بابت به شڪايت ڪئي ته توهان جو خير ناهي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ارباب محمد طاهر مذهبي معاملن واري وزارت کي حج پاڻيئڙن کي مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته هن سال اسان به حج معاملن جي نگراني ڪنداسين. اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پشاور ۽ بلوچستان جي چيف جسٽسز جي نالن جي منظوري

صدر پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس لاءِ جسٽس اشتياق ابراهيم جي نالي جي منظوري ڏني

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري پشاور ۽ بلوچستان جي هاءِ ڪورٽن جي چيف جسٽسز جي نالن جي منظوري ڏئي ڇڏي. صدر پشاور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ ۾ اسپورٽس سٽي ناهڻ ۽ ڊويزنل سطح تي اسپورٽس گيمز شروع ڪرڻ جو اعلان

صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ سنڌ جي 45 اسپورٽس ايسوسي ايشنز جو اجلاس منعقد ٿيو

نيشنل گيمز ۽ ڊويزنل سطح تي اسپورٽس گيمز ڪرائڻ لاءِ تياري ڪئي وڃي، اسپورٽس سٽي ناهڻ جي لاءِ پرپوزل تيار ڪيو وڃي: محمد بخش مهر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران صوبي ۾ سنڌ اسپورٽس سٽي ناهڻ ۽ ڊويزنل سطح تي اسپورٽس گيمز شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي رانديڪن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پارٽي عام چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ ووٽ جو وقت ختم

پهرئين مرحلي ۾ 21 رياستن جي 102 سيٽن تي ووٽ وڌا ويا

102 سيٽن تي مجموعي ووٽر ٽرن آئوٽ 59.71 سيڪڙو رهيو

نئين دهلي (م ڊ) ڀارت ۾ عام چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ ووٽنگ جو وقت ختم ٿي ويو. ڀارت ۾ عام چونڊن جي پهرئين مرحلي ۾ ووٽنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

چونڊيل ميمبرن کي حلف کان روڪڻ آئين جي ڀڃڪڙي آهي: پشاور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو

عدالت خيبر پختونخواهه ۾ سينيٽ چونڊن کان اڳ عورتن ۽ اقليتي ميمبرن کان حلف وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

عدالت فيصلي ۾ خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير ۽ صوبائي ڪابينا کي اجلاس طلب ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو

ٻن هفتن اندر ڪي پي اسيمبلي جو اجلاس گهرائي سينيٽ جي چونڊن کان اڳ نون چونڊيل ميمبرن کان حلف ورتو وڃي

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ مخالف ڌر جي عورتن ۽ اقليتي ميمبرن کان حلف وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو پشاور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ايس ايم عتيق شاهه 24 صفحن تي ٻڌل فيصلو لکيو. عدالت فيصلي ۾ خيبر پختونخواهه جي وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ملڪ جي اڪثر حصن ۾ اين ايڇ اي نيٽ ورڪ ٽريفڪ لاءِ بحال آهي: ترجمان

قراقرم شاهراهه تي ڪجهه جاين لينڊ سلائيڊنگ سبب بند آهن

گلگت بلتستان ۾ گيتي داس کان چلاس جي مقام تان برف هٽائي پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) تازو برسات ۽ ٻوڏ جي ڏينهن ۾ اين ايڇ اي انتظاميا روڊن تي ٽريفڪ کي بحال رکڻ ۾ مصروف آهي. چيئرمين اين ايڇ اي ارشد مجيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ٽي ايل پي بابت انٽيليجنس جي ڪا به رپورٽ پنجاب حڪومت سان شيئر نه ڪئي وئي: شهباز شريف

فيض آباد ڌرڻي جو اندازو نه هو ڊي راولپنڊي، ڪمشنر، سي پي او ۽ آر پي او کي امن ڪميٽي ۽ طرفان واضح هدايتون مليون هيون

پابندي گهرو وزارت پنهنجي مينڊيٽ موجب لاڳو ڪري سگهي پئي، طاقت جي استعمال سبب امن امان جي صورتحال بگڙجڻ جو خدشو هو

ٽي ايل پي جي اڳواڻن سان سياسي ڳالهيون ٿي رهيون هيون، ٽي ايل پي ۽ وفاقي حڪومت ۾ معاهدي ۾ اتفاق ٿيو هو

اسلام آباد (م ڊ) فيض آباد ڌرڻي جي انڪوائري ڪندڙ ڪميشن کي ان وقت پنجاب جي وڏي وزير شهباز شريف جو ڏنل بيان سامهون اچي ويو آهي. شهباز شريف فيض آباد ڌرڻو ڪميشن کي ڏنل بيان ۾ چيو ته پنجاب ۾ امن امان جي معاملن تي ڪابينا جي ماتحت امن ڪميٽي جوڙي وئي هئي جيڪا صوبائي قانون واري وزير ۽ ڪجهه ٻين اهم صوبائي وزيرن تي ٻڌل هئي. هن پنهنجي بيان ۾ ٻڌايو ته ٽي ايل پي (تحريڪ لبيڪ پاڪستان) بابت انٽيليجنس جي ڪا به رپورٽ صوبائي حڪومت سان شيئر نه ڪئي وئي هئي، ان وقت فيض آباد ڌرڻي جو اندازو نه هو ڊي راولپنڊي، ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

هاري ڪارڊ بابت جوڙيل سنڌ ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي جو پهريون اجلاس، مختلف تجويزن تي غور

هاري ڪارڊ جو نالو پيپلز هاري ڪارڊ يا بينظير هاري ڪارڊ رکيو وڃي، ڪٽڪ ۽ قدرتي آفتن جي صورت ۾ مدد ڪئي ويندي: محمد بخش مهر

هارين کي فارم ست مختيارڪارن کان تصديق ڪرائڻي پوندي، جيڪڏهن ڪو زمين وڪرو ڪندو ته ان کي ڪارڊ حڪومت کي واپس ڪرڻو پوندو

پهرين مرحلي ۾ 1 لک 70 هزار هارين لاءِ هاري ڪارڊ ٺاهيا وڃن، سموريون تجويزون سنڌ ڪابينا آڏو رکنداسين: جام خان شورو

ڪراچي (رپورٽر) هاري ڪارڊ بابت جوڙيل سنڌ ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي جو پهريون اجلاس سيڪريٽري زراعت جي آفيس ۾ زراعت واري صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر ۽ آبپاشي واري وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. اجلاس ۾ ميمبر سنڌ اسيمبلي پير مجيب الحق، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سيڪريٽري زراعت سنڌ ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي، جنهن ۾ ڪابينا جي ذيلي ڪميٽي کي ڪسان ڪارڊ بابت بريفنگ ڏني وئي. زراعت واري وزير سردار محمد بخش مهر اجلاس ۾ ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ حڪومت هارين جي ترقي تي خاص توجه ڏئي رهي آهي، پارٽي قيادت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: صوبائي وزير جام خان شورو، محمد بخش مهر ۽ ٻيا هاري ڪارڊ بابت اجلاس ۾ ويٺل

خط جو معاملو، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سيني ججن کان تجويزون گهري ورتيون

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ايسٽ ۽ ويسٽ اسلام آباد کان به تجويزون گهريون ويون

ججن جي تجويزن ڪانپوءِ فل ڪورٽ گهرائڻ بابت فيصلو ٿيندو

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججن جي خط جي معاملي ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي. ذريعن موجب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اپريل ۾ غير معمولي برساتون 30 ورهين جو رڪارڊ ٽٽي ويو

بلوچستان ۾ 300 سيڪڙو ۽ خيبر پختونخواهه ۾ 90 سيڪڙو وڌيڪ برساتون

غير معمولي برساتون موسمياتي تبديلين سبب ٿيون: ماهر

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ اپريل مهيني ۾ برساتن جو 30 ورهين جو رڪارڊ ٽٽي ويو اپريل مهيني ۾ معمول کان 99 سيڪڙو وڌيڪ برساتون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ جي هدايت تي منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف مهم جاري

چئن منشيات وڪرو ڪندڙن کي گرفتار ڪري 5 ڪلو چرس، اڌ ڪلو هيروئن، ديسي شراب ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا

سنڌ سرڪار منشيات کان پاڪ مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي، منشيات وڪرو ڪندڙن جو خاتمو ڪيو ويندو

منشيات وڪرو ڪندڙ ڪنهن نرمي جي اميد نه رکن، حڪومت قانون جي ڀرپور طاقت سان کين پڪڙ ۾ آڻيندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪندي مختلف ضلعن مان وڌيڪ چئن منشيات وڪرو ڪندڙن کي گرفتار ڪري 5 ڪلو چرس، اڌ ڪلو هيروئن، ديسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فلسطين کي گڏيل قومن جي مڪمل رڪنيت ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي: پاڪستان

گڏيل قومن ۾ فلسطين جي رڪنيت جي ٺهراءَ کي آمريڪا طرفان ويٽو ڪرڻ تي افسوس آهي

75 سالن کان ظلم سهندڙ فلسطين کي رڪنيت ڏيڻ سان کين حق ڏيڻ جي تصديق ٿيندي ۽ تاريخي انصاف هوندو

فلسطيني عوام جو حق آهي ته اهي 4 جون 1967 جي جاگرافيائي حدن موجب خود مختيار ۽ آزاد ملڪ ۾ رهن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان چيو آهي ته گڏيل قومن ۾ فلسطين جي رڪنيت جي ٺهراءَ کي آمريڪا طرفان ويٽو ڪرڻ تي افسوس آهي. پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان پنهنجي بيان ۾ چيو ته پاڪستان سمجهي ٿو فلسطين کي گڏيل قومن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

11 سيڪڙو پاڪستانين ٽيڪس چوري جي حمايت ڪري ڇڏي: گيلپ سروي

84 سيڪڙو عوام ٽيڪس ڏيڻ جي حمايت ڪندي ٽيڪس چوري کي غلط قرار ڏنو

ٽيڪس ڏيڻ جي حامي پاڪستانين ٽيڪس چوري کي غلط ۽ ملڪي معيشت لاءِ وڏو نقصان قرار ڏنو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي 84 سيڪڙو عوام ٽيڪس ڏيڻ جي حمايت ڪندي ٽيڪس چوري کي غلط قرار ڏئي ڇڏيو گيلپ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

چارسده: اي اين پي اڳواڻ ايمل ولي خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ جاسوسي جي مبينا جوابدار جي ضمانت جي درخواست خارج ڪري ڇڏي

درخواستگذار افغانستان جو شهري هجڻ ثابت ناهي ٿيو، جوابدار پاڪستاني آهي، پاسپورٽ ۽ سڃاڻپ ڪارڊ به گڏ لڳايو آهي: وڪيل

جوابدار جو سڃاڻپ ڪارڊ بلاڪ ڪيو ويو آهي، توهان فريش گرائونڊ تي ٽرائل ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جاسوسي جي مبينا جوابدار محمد دين جي ضمانت جي درخواست خارج ڪري ڇڏي. جسٽس محمد علي مظهر ۽ جسٽس عائشا ملڪ تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ جاسوسي جي مبينا جوابدار محمد دين جي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

دهشتگردن پرڏيهي شهرين کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي: ڊي آءِ جي ايسٽ

حملي آور دهشتگردن پيادل اچي گاڏي تي حملو ڪيو، حملي آورن وٽ 6 دستي بم، ايس ايم جي ۽ 3 ميگزين هئا

جنهن وين کي نشانو بڻايو ويو، ان جي پويان ڪمپني آفيسر جي گاڏي هئي، آفيسر جي گاڏي جي پويان ڪمپني جي سيڪيورٽي گارڊن جي گاڏي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر مهيسر چيو آهي ته دهشتگردن پرڏيهي شهرين کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي، حملي آور دهشتگردن پيادل اچي گاڏي تي حملو ڪيو، حملي آورن وٽ 6 دستي بم، ايس ايم جي ۽ 3 ميگزين هئا، حملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عالمي واٽر سمٽ، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي سي اي او ملڪ جي نمائندگي ڪئي

سڄي دنيا مان 300 عالمي واٽر ليڊر لنڊن ۾ گڏ ٿيا، واٽر ڪارپوريشن ۾ جاري اداري سڌارن تي تفصيلي خيال جي ڏي وٺ

سيد صلاح الدين احمد کي گلوبل واٽر انٽيليجنس طرفان ڏکڻ ايشيا مان اسٽيئرنگ ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو

سي اي او واٽر ڪارپوريشن 2030 تائين پائيدار ترقي جي مقصدن تي عالمي ڪارڪردگي جي روڊ ميپ ۾ پڻ حصو ورتو

ڪراچي (رپورٽر) چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد عالمي واٽر سمٽ ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لنڊن ۾ منعقد ٿيندڙ گلوبل واٽر سمٽ 2024 ۾ انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پاڪستان جي نمائندگي ڪندي

صوبي ۾ صنعتي ترقي لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: جام اڪرام الله ڌاريجو

آفيسر صوبي ۾ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ صنعتڪارن ۽ واپاري برادري سان سٺا ورڪنگ لاڳاپا برقرار رکن

صنعتي زونن ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻايو وڃي، حدخلين ختم ڪيون وڃن ۽ ملازمن کي بروقت پگهارون ڏنيون وڃن

نون صنعتي زونن ۾ پلاٽن کي درخواست گذارن کي جلد کان جلد قبضو ڏنو وڃي ته جيئن هو صنعتون قائم ڪن

ڪراچي (رپورٽر) صنعت ۽ واپار واري کاتي جو هڪ تعارفي اجلاس صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو جي صدارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: صوبائي وزير جام اڪرام ڌاريجو اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪينيا جي آرمي چيف سميت 10
فوجي آفيسر هيلي ڪاپٽر حادثي
۾ اجل جو شڪار

نيروبي (م ڊ) ڪينيا ۾ ملٽري هيلي ڪاپٽر حادثي جي نتيجي ۾ آرمي چيف جنرل فرانسس اوگولا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

خيبر پختونخواهه ۾ برسات سبب حادثن ۾ 36 ڄڻا فوت ٿي ويا

برساتن سبب 388 گهر مڪمل ۽ 2 هزار گهرن کي جزوي نقصان پهتو

پي ڊي ايم برسات متاثرن جي امداد لاءِ 11 ڪروڙ رپيا جاري ڪري ڇڏيا

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه ۾ تازين برساتن سبب پيش ايندڙ حادثن ۾ 36 ڄڻا فوت ۽ 53 زخمي ٿي پيا، صوبائي ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي: ڀينو فقيرن ۾ حدبندي جو تڪرار عدالت پهچي ويو، درخواست رد

مجبور ماڻهن جي جذبن جو قدر آهي پر اهڙو فيصلو نٿا ڪري سگهون: عدالت

مجبوري پنهنجي جاءِ تي پر پنڻ جي لاءِ ڪا جڳهه مختص نٿي ڪري سگهجي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڀينو فقيرن ۾ حدبندي جو تڪرار عدالت پهچي ويو. ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت ۾ هڪ فقيرياڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

راولپنڊي: عورت هڪ ئي وقت 6
ٻارن کي جنم ڏئي ڇڏيو، ٻار ۽
ماءُ مڪمل صحتياب قرار

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي ۾ عورت هڪ ئي وقت 6 صحتمند ٻارن کي جنم ڏئي ڇڏيو. ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪينجهر ڍنڍ جي چوطرف سرڪاري زمين تي قبضن خلاف احتجاجي مظاهرو

امجد شورو، نويد سولنگي، ذوالفقار ميراڻي، فراز پير، اظهر پير، بلاول پير جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ڪينجهر ڍنڍ جي چوطرف قبضا مافيا قبضا ڪري مقامي ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي : مظاهرين

هن کان اڳ ڪوهستاني توڙي ساحلي پٽي جي زمينن تي به قبضا ٿي چڪا آهن، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ جي تاريخي، مٺي ۽ نهري پاڻي جي سڀ کان وڏي ڍنڍ جيڪا ڪراچي جي آبادي سميت مقامي لکين ماڻهن کي پاڻي فراهم ڪندڙ ڪينجهر ڍنڍ جي ايراضين تي ٺيڪيدار ۽ غيرقانوني والار خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو: تاريخي ماڳ ڪينجهر تي قبضو ڪندڙن خلاف جسم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سلطانپور ۾ آبادگارن جو باردانو نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

بااثر فوڊ انسپيڪٽر قربان ڪلوڙ سرڪاري باردانو واپارين کي وڪرو ڪري رهيو آهي : مظاهرين

غريب آبادگارن کي ستون فارم آٽي ڏيو جي بنياد تي صرف چڪر ڪاٽرائي رهيا آهن

فوڊ سينٽر انچارج خلاف ڪارروائي ڪري غريب آبادگارن کي باردانو مهيا ڪيو وڃي

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ۾ آبادگارن جو باردانو نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، سلطانپور ۾ آبادگارن پاران سرڪاري باردانو نه ملڻ خلاف فوڊ سينٽر اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، بااثر فوڊ انسپيڪٽر قربان ڪلوڙ سرڪاري باردانو واپارين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سلطانپور: آبادگار باردانو نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گهارو واٽر ڪارپوريشن جي ملازمن پاران بجلي بند ڪرڻ خلاف احتجاج

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) گهارو واٽر ڪارپوريشن جي ملازمن پاران بجلي بند ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو پيپلز ليبر يونين جي انفارميشن سيڪريٽري عالم جوکيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گذريل ڏهه ڏينهن کان پمپ هائوس ڪالوني گهارو جي ڪنيڪشن ڪٽي وئي آهي انهن چيو ته اسين حاضر سروس ملازم آهيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهوٽڪي ضلعي اندر امن امان جو معاملو گنڀير بڻجي ويو

صوبائي گهرو وزير ضياءُ لنجار پاران اڳواڻي صوبائي وزير عبدالباري خان پتافي وٽ ترسي پيو

ايف بي آر جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رحمت الله خان جي مبينا اغوا ٿيڻ جا پڻ اطلاع

ڪسٽم آفيسر جي بازيابي لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي : ذريعن جي دعويٰ

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو گهوٽڪي ضلعي اندر امن امان جو معاملو گنڀير بڻجي ويو سنڌ جو گهرو وزير ضياءُ لنجار ڪالهه کان گهوٽڪي لڪل، صوبائي گهرو وزير ضياءُ لنجار پاران اڳواڻي صوبائي وزير عبدالباري خان پتافي وٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٻيرلوءِ پرسان شرپسندن ڪجين جي باردانٽي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو

شرپسند عناصرن آبادگارن خالد مستوئي ۽ سرفراز مستوئي جي باردانٽي کي باهه ڏئي ساڙي فرار ٿي ويا

فائربرگيڊ عملو بروقت نه پهچڻ سبب لکين روپين جا ٽوٽا سڙي رک ٿي ويا، آبادگارن جا مٽي تي هٿ

نوٽيس وٺي شرپسند عناصرن کي وائکو ڪري انهن کي قانون موجب سزا ڏئي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي : متاثر

ٻيرلوءِ (رپورٽر) ٻيرلوءِ پرسان شرپسندن ڪجين جي باردانٽي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو فائر برگيڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٻيرلو: نامعلوم شرپسندن پاران ڪجين جي باردانٽي کي ڏنل باهه جو ڏيک

سکر ۾ مبينا اغوا ٿي ويل ڌيءَ جي بازيابي لاءِ احتجاج، ملوث ماڻهو مونتمار ڌمڪيون پيا ڏين انصاف فراهم ڪيو وڃي : عورت

سکر (بيورو رپورٽ) مبينا اغوا ٿي ويل ڌيءَ جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ روهڙي جي علائقي وڏي پٽي جي رهواسي مسمات راڻيل شيخ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

رتوديرو ۾ نادرا آفيس جي امڪاني منتقلي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي احتجاجي ريلي

سياسي سماجي سوشل ورڪرز ليڪ اديبن ۽ شهر جي سيول سوسائٽي سنڌي ادبي سنگت جي پروفيسر ملهار سنڌي ۽ ٻين ريلي ڪڍي

هڪ سازش تحت نادرا رتوديرو جي آفيس شهر کان ٻاهر بوسڻ روڊ تي منتقل ڪئي پئي وڃي : مظاهرين جون ڌانهون

معاملي جو سختي سان نوٽيس وٺي عوام کي مشڪلاتن کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ نادرا آفيس جي امڪاني منتقلي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي اختر بليدي جي اڳواڻي ۾ نڪتي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي علمي ادبي ماڻهن سميت وڏي انگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سانگهڙ: اسٽريٽ لائيٽن جي خريداري ۾ مبينه 8 لک 20 هزار رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف

واٽر سپلائي تي سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ لڳائي عوام جي پئسن کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي : ذريعا

علائقي ۾ 10 مهينن جي عرصي ۾ ميونسپل انتظاميه جا پول پڌرا ٿي ويا ۽ ڪارڪردگي ٻڙي نظر آئي

ڪامورن گٺ جوڙ ڪري اسٽريٽ لائيٽس جي خريداري ۾ سستي اگهه تي خريداري ڪري خردبرد جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

سانگهڙ (رپورٽر منظار علي رند) ايم اين اي شازيه عطا مري ۽ نويد ڏيرو بلديه سانگهڙ جي ڪرپشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سانگهڙ: ڪرپشن جي ور چڙهي ويل اسٽريٽ لائيٽ جو ڏيک

ملير: لطيف جي پارڪو انب گوپانگ جي وڏي گهر واري جي وفات تي تعزيت جاري

ملير (رپورٽر) ناميارو اديب لطيف جي پارڪو انب گوپانگ جي وڏي گهر واري جي وفات تي ساڻس تعزيت جو سلسلو جاري سياسي سماجي اڳواڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ماتلي ۾ ڪڻڪ جو ريٽ 3500 روپيه في مڻ ۽ اٽو 5000 روپيه في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳو

ڪڻڪ جو فصل لهڻ ڪانپوءِ واپارين جي من مستي سبب ڪڻڪ 3500 روپيه في مڻ خريد ڪئي وڃي ٿي : رهواسي

اهو به وڏن زميندارن کان باقي جيڪي ننڍا آبادگار آهن يا وري جيڪي مڻ اڌ وڪرو ڪرڻ وارا آهن

اٽو مهانگو هجڻ سبب عام ڏهاڙي دار ۽ پورهيت طبقي جا ٻئي هٿ مٽي تي آهن ۽ ويا پيٽ ڀري کائڻ لاءِ به پريشان آهن

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ۾ ڪڻڪ جو ريٽ 3500 روپيه في مڻ هجڻ باوجود اٽو 5000 روپيه في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳو پورهيت طبقو پيٽ ڀري کائڻ لاءِ پريشان تفصيل موجب ماتلي ۾ ڪڻڪ جو فصل لهڻ ڪانپوءِ واپارين جي من مستي سبب ڪڻڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

واره ۾ آئيس جو نشو سرعام وڪرو ٿيڻ لڳو، نوجوان نسل تباهه ٿي ويو

نوجوان نسل گهٽين ۽ خالي پيل جڳهن تي سرعام آئيس واپرائڻ لڳو، اسڪولي شاگرد به آئيس جا موالي بڻجي ويا

بار بار احتجاج ڪرڻ باوجود انتظاميه سجاڳ نه ٿي سگهي، نوجوانن جي زندگي داءُ تي لڳل، والدين ۽ شهرين سخت پريشان

منشيات جو وڪرو بند ڪرائي نوجوان نسل جون زندگيون بچايون وڃن، ٻئي صورت ۾ پرامن احتجاج جاري رهندو : رهواسي

واره (رپورٽر طالب حسين چانڊيو) واره ۾ آئيس جو نشو سرعام وڪرو ٿيڻ لڳو نوجوان نسل گهٽين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو باگو جي صحافي محمد ملاح جي ڀاءُ غلام حيدر ملاح تي حملو

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ ميانجي عثمان ملاح ۾ ٽنڊو باگو جي صحافي محمد ملاح جي ڀاءُ غلام حيدر ملاح تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

واره: سماجي اڳواڻ آئيس نشو وڪرو ڪندڙن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ميرپورماٿيلو پرسان ڪارنهن جي پراڻي تڪرار تان جهيڙو، هڪ زخمي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ مهراب سيجو ۾ ڪارنهن جي پراڻي تڪرار تان سيجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب هڪ ڄڻو زخمي، زخمي کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو ۾ داخل ڪيو ويو تفصيل موجب ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ مهراب سيجو ۾ ڪارنهن جي پراڻي تڪرار تان سيجا برادري جي ٻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ابراهيم حيدري ٿاڻي جي حد ۾ مڙس زال تي بدترين تشدد ڪري قتل ڪري ڇڏيو

جوابدارن مڙس زال تي بدترين تشدد ڪري قتل ڪرڻ بعد لاش سس جي اڇلائي فرار ٿي ويو

جوابدار ٻي شادي ڪرڻ چاهي ٿو ڌيءَ کي گهر ڪٺي آيو ۽ چيائين ته هن آپگهات ڪيو آهي : مقتول جو پيءُ

ملير (رپورٽر) ابراهيم حيدري ٿاڻي جي حد ۾ مڙس زال تي بدترين تشدد ڪري قتل ڪرڻ بعد لاش سس جي اڇلائي فرار، پوليس لاش جناح سپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني، جوابدار ٻي شادي ڪرڻ چاهي ٿو ڌيءَ کي منهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٺٽو پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروايون

پوليس پاران منشيات مان ڀريل هڪ ٽرڪ تي ڇاپو، ٽرڪ مان لکين روپين جي منشيات هٿ

پوليس پاران اسپورٽيج ڪار هٿ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي حڪم تي ٺٽو پوليس پاران منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروايون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

دادو ۾ بلاولي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس

اسان کي سماٽ برادري جي تعليم، صحت ۽ سماجي ڀلائي ۾ ڪم ڪرڻو آهي : اڳواڻ

ميمبر سازي جي مهم تيز ڪري ۽ ضلع سطح تي باڊيون جوڙي وينديون

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) بلاولي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس زير صدارت مرڪزي صدر جام مشتاق الرسول تاريجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس (اي پي ايس) روهڙي سرڪل جي ڪارروائي

گشت دوران هڪ منشيات فروش گرفتار، منشيات هٿ، ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس ايڪٽ 1997 تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس (اي پي ايس) روهڙي سرڪل جي ڪارروائي، گشت دوران هڪ منشيات فروش گرفتار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر: ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل منشيات جو ڏيک

ڊي سي سکر پاران سرسو ڪمپليڪس جو دورو

سرسو جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سي اي او)، محمد ڏتل ڪلهوڙو وفد کي ڀليڪار ڪيو

سنڌ جي صوبائي حڪومت ۽ ٻين ڊونرز پاران فنڊنگ ڪيل منصوبن بابت بريفنگ ڏني وئي

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊي سي سکر پاران سرسو ڪمپليڪس جو دورو خبر موجب ڊپٽي ڪمشنر سکر راجا اير بي ڏاريجو سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سڪرنڊ ۾ سماج سڌارڪ صوفي حاجي ڏٽي بخش چانڊيو جي ورسي تقريب

اديبن شاعرن سان گڏ سنڌس آخري آرام گاهه تي ڪلام ڳائي سوين ماڻهن دعا گهري

ڏٽي بخش چانڊيو هميشه انسانيت سان محبت ڪئي ڏکوئيل ماڻهن جو ڀرجهلو ٿيو : اڳواڻ

سڪرنڊ (رپورٽر سراج ڪماراوڊ) سنڌ جي ناليواري سماج سڌارڪ صوفي حاجي ڏٽي بخش چانڊيو جي ايڪيهين ورسي جي موقعي تي ڪيس شاندار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي ۾ مبينه آپگهاتي حملي ۾ جهول واسي صابر حسين مري مارجي ويو

لانڍي ۾ مبينه چيني شهرين جي گاڏي تي آپگهاتي ڌماڪو ۽ فائرنگ ڪئي وئي

نوجوان نور محمد مري قتل ۽ ننگر خان ولد سنون خان مري سخت زخمي ٿي پيو

سانگهڙ (رپورٽر منظار علي رند) ڪراچي جي لانڍي مانسهره ڪالوني ۾ غيرملڪي گاڏي تي ٿيل حملي ۾ سانگهڙ پرسان ڳوٺ غيبي خان مري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

کپرو پرسان آر او پلانٽ جي ڀت ڪرڻ سبب نوجوان دٻجي فوت

نوجوان جي سڃاڻپ 31 ورهين جي مهر علي ولد محمد حنيف سمو طور ٿي

فوتي نوجوان آر او پلانٽ ۾ پرائيويٽ ملازم ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ هو

سانگهڙ (رپورٽر منظار علي رند) کپرو پرسان اڇڙي ڳوٺ ترجي ۾ آر او پلانٽ جي ديوار ڪرڻ سبب 31 سالا نوجوان مهر علي ولد محمد حنيف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو منور عباس سومرو پاران گهارو ۾ کليل ڪچهري منعقد

ڊي سي پاران مسئلن بابت درخواستون ورتيون ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي تي ئي حڪم جاري

مختيارڪار ميرپور ساڪرو احمد ميمڻ ۽ ٻيا روينيو آفيسر به کليل ڪچهري ۾ موجود هئا

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس گهارو ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪري تعلقي ميرپور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو: ڊي سي منور عباس سومرو کليل ڪچهري ۾ شهرين جون شڪايتون ٻڌي رهيو آهي

کپرو پوليس جي ڪارروائي، چرس جو ڊيلر گرفتار

منشيات جي اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪرولا ڪار ۽ 02 موبائيل فون پڻ هٿ

ڦرجي ڪيس ۾ روپوش سميت 04 منشيات فروش گرفتار ڪيو ويو

سانگهڙ (رپورٽر منظار علي رند) سانگهڙ کپرو پوليس جي وڏي ۽ ڪامياب ڪارروائي چرس جو ڊيلر گرفتار هڪ ڪلو کان وڌيڪ چرس، منشيات/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر ۾ بيمار جانورن جي غيرقانوني ذبح ڪرڻ جو سلسلو جاري

شهر ۾ گوشت جي ڪوٽ، ڪاسائين پنهنجا اگهه مقرر ڪري ڇڏيا، انتظاميه خاموش

شهري ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جو اظهار، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) لائيو اسٽاڪ کاتو ۽ سکر انتظاميه غير صحت مند گوشت وڪرو ڪندڙن خلاف غير فعال، رهائشي علائقن ۾ ٻاٽرن جي سرپرستي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪي اين شاهه ۾ ايس ٽي پي پاران آبادگارن پاران احتجاج

آبادگارن ڀلي ڪارڊ کلي ٺٽهه اس ۾ 2 ڪلاڪ ترٽو هلي احتجاجي مظاهرو ڪيو

باردانو نه ملڻ جي صورت ۾ احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو : آبادگار

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) ڪي اين شاهه ۾ ايس ٽي پي پاران آبادگارن کي باردانو نه ملڻ خلاف علمدار چوڪ کان نيشنل پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين ۾ يوسي چيئرمين ۽ ڊرائيور تي زيادتي جو ڪيس داخل، متاثرن پاران انصاف جي گهر

مون غلام رسول سومرو ۽ سندس ڊرائيور هوشو قاضي مون کي زبردستي گاڏي ۾ وجهي هڪ جاءِ تي کڻي ويا : شاگرد شعبان پٽي

منهنجو پٽ ڪافي ڏينهن کان گم سم خاموش رهڻ لڳو ان تي آئون مسلسل شعبان کان پڇندي رهيس : شاگرد جي والده

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪري انهن کي سزا ڏني وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) بدين پوليس پيپلز پارٽي بدين سٽي جي صدر ۽ يونين ڪائونسل حاجي سومار ابڙو جي چيئرمين غلام رسول سومرو ۽ سندس ڊرائيور هوشو قاضي تي زوري زنا ڪرڻ جو بدين ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

بدين: زيادتي جو شڪار ٿيل نينگر والدين سان گڏ جي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ڊپٽي ڪمشنر سکر محمد بخش ڏاريجو پاران ترقياتي ڪمن جو جائزو

سکر (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر محمد بخش ڏاريجو پڇي ڏينهن به شهر جي مختلف هنڌن تي هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو، ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي ثوبيه فلڪ راٺور ۽ ٻيا آفيسر پڻ ساڻس گڏ هئا ڊي سي سکر مقامي رهواسين کان ٺيڪيدارن، لاڳاپيل کاتن پاران شروع ڪيل مختلف اسڪيمن جو جائزو ورتو ۽/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ملير: تشدد ڪري قتل ڪيل ٽن ٻارن جي ماءُ جي قتل جو ڪيس داخل

قتل جو ڪيس مڙس ڪاشف ولد محمد حسن جي مدعيت ۾ ملير سٽي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو

جوابدارن هٿن جون نسون ڪاٽڻ بعد لاش کي گهر اندر موجود پاڻي جي ٽينڪ ۾ اڇلي ڇڏيو : مڙس

اميد آهي ته پوليس اڻڌري جاچ ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪندي

ملير (ڊ ر) ملير سٽي ٿاڻي جي حد برهاڻي ٽائون جي گهر جي پاڻي ٽينڪ مان هٿ پير ٻڌي تشدد ڪري قتل ڪيل ٽن ٻارن جي ماءُ اسماءَ جي قتل جو ڪيس ملير سٽي ٿاڻي تي نامعلوم جوابدارن خلاف سندس مڙس ڪاشف جي مدعيت ۾ داخل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خانپور پرسان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ، هڪ قتل

فيضو ٿاڻي جي حد حاجي خان ڪلهوڙو ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿي پيو

جوابدار جي رحيم بخش ڪلهوڙو کي زمين تان واپس ايندي فائرنگ ڪري قتل ڪري ويا

نوجوان جو مڙهه ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) خانپور پرسان ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ رحيم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خانپور: جهيڙي ۾ مارجي ويل حاجي خان ڪلهوڙو جو لاش پيل آهي

جهڏو: روشن خيال ڪاهوڙي اڳواڻ استاد ڪرم ڪلوئي وفات ڪري ويو

جهڏو (رپورٽر) سموري زندگي فڪري پليجو کي ارپيندڙ روشن خيال ڪاهوڙي اڳواڻ استاد ڪرم ڪلوئي وفات ڪري ويو سندس تدفين جهڏو لڳ اباڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سنجهورو ۾ پوليس جو ڦورن سان مقابلو، هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

هيڊ ڪانسٽيبل سردار لغاري جي اڳواڻي ۾ پوليس پارٽي معمول مطابق گشت تي هئي ته مقابلو ٿيو

اسان جي سامهون هٿيار بندن اچي ويا ۽ ڦورن پوليس کي ڏسي پوليس مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڏني : اهلڪار

جوابدارن وٽان پستول ۽ ڦريل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، زخمي جوابدار کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال پهچايو ويو

سنجهورو (رپورٽر) سنجهورو ۾ پوليس جو ڦورن سان مقابلو گل حسن رند زخمي حالت ۾ گرفتار ٿي ٿي پستول ۽ موٽرسائيڪل هٿ تفصيل موجب سنجهورو ٿاڻي جي هيڊ ڪانسٽيبل سردار لغاري جي اڳواڻي ۾ پوليس پارٽي معمول مطابق گشت تي هئي ته ڳوٺ دارو خان لغاري وٽ انهن جو اوچتو سامهون هٿيار بندن اچي ويا ڦورن پوليس کي ڏسي پوليس مٿان سڌي فائرنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

عمرڪوٽ ۾ ايس ايس پي جي حڪم تي ڏوهارين، منشيات فروش ۽ منظم ڏوهارين خلاف ڪارروايون

منشيات فروش ۽ سمورن منظم ڏوهن خلاف ڪارروايون جاري، مجموعي طور 07 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

زرعي زمين مان پاڻي چوري ڪيس ۾ 01 جوابدار گرفتار، ديسي شراب برآمد، 1060 صفينا گٽڪا هٿ

شادي پلي ٿاڻي جي حد ۾ گٽڪا فراهم ڪندڙ عرب مري کي گٽڪا ايڪٽ تحت گرفتار ڪري ورتو، ڪيس داخل

عمرڪوٽ (رپورٽر) ايس ايس پي عمرڪوٽ آصف رضا بلوچ جي حڪم تي ڏوهارين، ڏوهارين، منشيات فروش ۽ سمورن منظم ڏوهن خلاف ڪارروايون جاري آهن مجموعي طور 07 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو 03 گٽڪا فراهم ڪندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪڍڻ ۾ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف فشر فوڪ فورم پاران احتجاجي اجلاس

صدر نبي بخش ملاح، محمد عمر ملاح، عبدالرحمان جت، جمن ملاح، لطيف راهمون ۽ ٻين جي شرڪت

بااثر آبادگار عزيز بروهي عطا بروهي قاسم بروهي طارق بروهي آر ڊي 88 ۽ 50 وٽ ڏڪان هٽي پاڻي چوري ڪري رهيا هئا

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪوڙي ڪيس جي جاچ ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي : اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ڪڍڻ پوليس پاران ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف فشر فوڪ فورم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين: فشر فوڪ فورم پاران ڪوٺايل گڏجاڻي جو ڏيک

ايس ايس پي سانگهڙ سياسي پوٽارن جي ونگار وهي ڪيس داخل ڪيو آهي : سائره بانو وسان

سانگهڙ (رپورٽر: منظار علي رند) جي ڊي اي ڪارڪن مٿان کپرو ٿاڻي تي سوا ڪلو چرس جو ڪيس داخل ٿيڻ تي جي ڊي اي جو رد عمل اچي ويو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو ۾ ڊي جي مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن پاران مختلف اسڪولن تي اچتو دورا، ڪيترائي استاد غير حاضر

ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن زين العابدين دادو ضلعي جا ڪيترن ئي اسڪولن جا دورا ڪيا

ڊي جي موجود بنيادي سهولتن، امتحاني سرگرمين سان گڏوگڏ غير نصابي سرگرمين جو پڻ جائزو ورتو

ايليمينٽري اسڪول رڪڻ ۽ ٻين اسڪولن جي وزٽ دوران عمارتن جي زبون حالي جو پڻ سخت نوٽيس ورتو

دادو (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن ڪراچي زين العابدين انصاري جا دادو ضلع جي مختلف اسڪولن تي اچتو دورا، ڪيترائي استاد غير حاضر رپورٽ سيڪريٽري اسڪول کي مرڪلي ڇڏي، خبر موجب ڊائريڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سڪرنڊ: اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

وڌندڙ حد دخلين گاڏين جي آمدرفت ۽ ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۾ سخت ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو : اي سي

تعلقي قاضي احمد جي شهرن ۾ حد دخلين جو آزار وڌي ويو آهي ماڻهون سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن

ماڻهو دڪانن اڳيان ۽ روڊ جي وچ تي بيٺل ريڙهن گاڏن چنگچي رڪشائن جي بيهڻ ڪري گذري نٿا سگهن

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪمار اوڊ) اسسٽنٽ ڪمشنر قاضي احمد طارق علي سولنگي جي صدارت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سڪرنڊ: اي سي طارق علي سولنگي ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

مڙس پاران باهه ڏئي ساڙيل عورت پاران احتجاج، مڙس ڪمون ڪواهي نشي لاءِ پئسا نه ڏيڻ تان مون کي باهه ڏني : عورت

ٽنڊو باگو (رپورٽ رفاقت جروار) مڙس پاران باهه ڏئي ساڙيل عورت ڳوٺ اوڪو پٽيل جي رهواسڻ ٻاجهي ڪرلهڻ طرفان پريس ڪلب اڳيان احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

سکر ۾ بجلي چورن خلاف ڀرپور نموني مهم، ايف آءِ آر ۽ لوڊشيڊنگ فري فيڊرز ۾ واڌ ڪرڻ جو فيصلو

گڏجاڻي دوران ڊويزن جي سمورن تعليمي ادارن مان آئس نشي سميت ٻيا نشا واپرائڻ واري رپورٽ تي سخت ڳڻتي جو اظهار

تعليمي ادارن ۾ اهڙي شڪايتن بابت مڪمل نگراني ڪئي ويندي ۽ ٻين ادارن جي پڻ مدد حاصل ڪئي ويندي : ڊي آءِ جي پي

سکر ضلعي ۾ سيپڪو پاران اعليٰ اختيارن جي هدايت موجب رهتن جي وصولي بابت آپريشن جاري آهي

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ڊويزن جي تعليمي ادارن ۾ نشو واپرائڻ تي مڪمل ضابطي، سهولت ڪارن، وڪرو ڪرڻ وارن خلاف سخت ايڪشن، سيپڪو پاران رهتن جي وصولي، بجلي چورن خلاف ڀرپور نموني مهم، ايف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي **

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 20 اپريل 2024ع

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي صدر مملڪت جو خطاب

نئين پارلياماني سال جي شروعات تي صدر مملڪت آصف علي زرداري پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪيو. هن پنهنجي خطاب ۾ سياسي جماعتن کي مفاهمت جي تجويز ڏيندي چيو ته اختلافن کي گڏ ويهي حل ڪرڻ گهرجي. صدر مملڪت چيو ته اڄ هڪ نئين باب جي شروعات ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. آئون سمجهان ٿو ته سياسي ماحول جي نئين سر ترتيب ۽ جوڙجڪ ڪري سگهجي ٿي. ملڪ کي موجوده سياسي بحران مان ڪيڻ جي ضرورت آهي. اسان حقيقي طور تي ڪوشش ڪريون ته سياسي گرمي پد ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. صدر مملڪت پنهنجي خطاب ۾ چيو ته آئيني فريم ورڪ تحت وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ مثبت تعاون ۽ موثر هم آهنگي ضروري آهي. ملڪ کي پيچيده سماجي، ماحولياتي ۽ معاشي چئلينج درپيش آهن. پرڏيهي سيڙپڪاري آڻڻ اسان جو بنيادي مقصد هجڻ گهرجي. توڙي جو مسئلا پيچيده آهن پر انهن جو حل ممڪن ناهي. صحت جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي ضرورت آهي. عوام لاءِ صحت جي سهولتن کي بهتر ڪرڻو پوندو. اسان فوڊ سيڪيورٽي طرف وڃي رهيا آهيون. اسان وٽ خوراڪ جي کوٽ آهي ۽ موسمي اثرن جي ڪري اسان جي آمدني گهٽ ٿي رهي آهي. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي صدر اهو پڻ چيو ته حڪومت نوڪريون پيدا ڪرڻ، مهانگائي گهٽائڻ ۽ ٽيڪس نيٽ وسيع ڪرڻ لاءِ حڪومت معاشي سڌارا ڪندي. دهشتگردي اسان جي قومي سلامتي، علائقائي امن ۽ خوشحالي لاءِ خطرو آهي.

پارليامينٽ ۾ پي ٽي آءِ جي ميمبرن جي شديد گوڙ گهمسان ۽ نعريبازي ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪيو. جيڪا هڪ آئيني ضرورت آهي. اهو خطاب پارلياماني سال جي شروع ٿيڻ تي ڪيو ويندو آهي. صدر مملڪت پنهنجي تقرير ۾ اهم معاملن تي روشني وڌي پر سندن گهڻو زور سياسي سرچاءُ تي رهيو، ته جيئن ڇڪتاڻ واري ماحول ۽ سياسي گرمي پد کي گهٽائي سگهجي. هن وقت ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ عروج تي آهي، جنهن ۾ علماءِ اسلام جي قائد مولانا فضل الرحمان به ڏورا ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. اپوزيشن پارٽين جي اتحاد به هلچل مچائڻ لاءِ وک وڌائي آهي. اهڙي ماحول ۾ سرچاءُ لاءِ سڏ ڏيڻ ۽ گڏ ويهي معاملا حل ڪرڻ جي تجويز تي عمل سان سياسي گرمي گهٽ ٿي سگهي ٿي. هونئن به هر معاملي جو حل ڳالهيون ڪرڻ سان ئي ممڪن آهي ۽ سياسي ڇڪتاڻ هميشه طالع آزما قوتن کي فائدو ڏنو آهي. صدر مملڪت پنهنجي تقرير ۾ صوبن سان هڪ جهڙي سلوڪ جي پڻ ڳالهه ڪئي. هن وقت ملڪ جا چارئي صوبا ويڇن ۽ وڇوٽين تي آهن. بلوچستان جي هن جاگرافيائي سٽاءَ سان تعلق جي تند ڪمزور ٿي رهي آهي. ڪي پي ڪي وفاق سان ٽڪراءَ ۾ آهي، جڏهن ته سنڌ به نا انصافين جو شڪار آهي. سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙيوالي جاري آهي، ناڻي ۾ ان کي مناسب حصو نه پيو ڏنو وڃي. ان ڪري صدر مملڪت صوبن سان هڪ جهڙي سلوڪ جي ڳالهه ته ڪئي آهي پر معاملا ڳالهين تائين نه هجڻ گهرجن، عملي طور تي به ان حوالي سان اڳڀرائي ٿيڻ گهرجي. ياد رکڻ جي ڳالهه اها آهي ته مضبوط وفاق، صوبن جي اطمينان سان مشروط آهي. صوبن سان نا انصافي ڪري وفاق جو استحڪام نٿو حاصل ڪري سگهجي. صدر مملڪت پنهنجي تقرير ۾ موسمياتي تبديلين ۽ ان جي معيشت تي پوندڙ اثرن جي حوالي سان پڻ ڳالهه ڪئي. اها حقيقت آهي ته دنيا موسمياتي تبديلين سان گڏ جيئڻ جو ڍنگ سکي ورتو آهي پر اسان اڃان به فطرت جي رحم ۽ ڪرم تي آهيون. اسان نئين ماحول سان گڏ پنهنجو پاڻ کي ٺهڪائي جيئڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي آهي، اهوئي سبب آهي جو هتي خوراڪ جي کوٽ جا مسئلا جنم وٺي چڪا آهن.

صدر مملڪت پرڏيهي سيڙپڪاري آڻڻ جي ڳالهه ڪئي، جيڪا ملڪ لاءِ انتهائي ضروري آهي پر جنهن ملڪ ۾ امن امان جو مسئلو هجي، دهشتگردي عروج تي هجي، بجلي ۽ گئس جا اگهه چوٽ چڙهيل هجن، اتي سيڙپڪار پنهنجي موڙي سيڙائڻ کان اڳ ڏهه دفعا سوچيندا. سيڙپڪارن کي جيڪڏهن آڇ آهي ته انهن جي موڙيءَ کي تحفظ وارو ماحول مهيا ڪرڻو پوندو. صدر مملڪت پنهنجي تقرير ۾ دهشتگردي واري چئلينج جو پڻ ذڪر ڪيو. ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ماضيءَ جي غلط رياستي پاليسي جي ڪري دهشتگرديءَ کي پوکڻو پئجي رهيو آهي. ان لاءِ صرف زباني جمع خرچ بدران حقيقي قدم کڻڻا پوندا. نيشنل ايڪشن پلان تي سختيءَ سان عمل ڪرڻو پوندو.

انٽرميڊيئيٽ اِن ڪمپيوٽر سائنس

سڪندر گلاب سومرو

ٻار جڏهن پنهنجن ميٽرڪ جي ڪلاسن مان پار پوندا آهن ته هنن کي پنهنجي اڳين منزل يعني پنهنجي ڪيريئر جي پريشاني لاحق ٿي ويندي آهي. ڪيريئر معنا پنهنجي زندگيءَ جي اهم مقصد يعني هڪ اهڙي شعبي/ڪيٽر (فيلڊ) جي چونڊ ڪرڻ، جيڪو نه صرف هنن جي ذهني تسڪين جو سبب بڻجي پر هنن جي سماجي مان ۽ مرتبي کي مٿانهون ڪرڻ ۾ به مددگار بڻجي. ڪيريئر جي چونڊ ڪرڻ ڪنهن به ٻار جي لاءِ توڙي جوان جو ذاتي فيصلو هئڻ گهرجي پر ٻاڻ وٽ ائين نٿو ٿئي يا وري جيڪڏهن ٿئي به ٿو ته اهو به هڪ محدود پيماني تي. ڪيريئر جي چونڊ ڪرڻ جتي سڌريل ۽ اسريل ملڪن ۾ گهڻي سولي سرگرمي هوندي آهي، اها ايتري اسان وٽ مشڪل ۽ ڪيئي ڏچا کڻي ايندڙ فيصلو بڻجي به وڃي ٿي. ڪيريئر جي چونڊ ڪرڻ اسريل ملڪن ۾ انهيءَ ڪري به سولي آهي، جو اتي ٻارن جي مرضين ۽ خواهشن کي ئي احترام جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو ابتدائي تعليم کان وٺي يونيورسٽيءَ جي تعليم تائين جيڪو ڪجھ پڙهايو ۽ سمجهايو وڃي ٿو ان جو تعلق عملي زندگيءَ سان هوندو آهي. يا وري هڪ اهڙي خيالي دنيا سان هوندو آهي، جيڪا ٻار کي ڪجھ ڪرڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ همٿائيندي رهندي آهي. جيئن چنڊ ڏانهن سفر ڪرڻ جي لاءِ اتساهڻ. ٻار جي لاڙي کي شروع کان ئي سمجهڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون آهن. ان حساب سان ئي ٻارن جي تربيت ڪئي ويندي آهي، ۽ هنن جي خواهشن ۽ ضرورتن کي سامهون رکي کين تعليم ڏني ۽ ڏياري ويندي آهي. "زندگي ڪيئن گذارجي؟" (لائيف اسڪلز) جي تعليم ڏني ويندي آهي. انهيءَ ڪري ٻار پنهنجي سوچ ۽ سمجھ جي آهر پنهنجن رجحانن کي پرکي اڳتي وڌندا ويندا آهن. اهوئي مکيه سبب آهي ته اتي ٻار جيڪو ٿيڻ چاهيندو آهي، والدين کان وٺي ادارن تائين ان جي ڀرپور مدد ڪئي ويندي آهي. جيڪو ڪجھ بڻجڻ چاهيندو آهي، ان جي لاءِ گهربل شيون فراهم ڪيون وينديون آهن. اسان وٽ عين ان جي ابتڙ ٿئي ٿو ڪڏهن به ٻار جي سوچن، سمجهن، لاڙن ۽ رجحانن کي نظر ۾ ناهي رکيو ويندو. جيڪي درسي ڪتاب ٻارن کي پڙهايا وڃن ٿا، اهي سڀ جا سڀ نصيحتن، ٺٺا خوانين ۽ هٿرادو هيرن جي ڪهاڻين سان ڀريل آهن. حقيقت هي آهي ته اسان وٽ "زندگي ڪيئن گذارجي؟" جي تعليم ڏني ئي ناهي ويندي. صدين کان اسان وٽ درسي ڪتابن ۽ تعليمي ادارن ٻاران طوطا ۽ تعبيدار ئي تيار ڪيا ويا آهن. اسان وٽ سن سٽيتاليهن کان اڄ ڏينهن تائين جيڪي به تعليمي پاليسيون آيون آهن، اهي تعليمي پاليسيون گهڻ پر طوطا ۽ تعبيدار تيار ڪرڻ جا پروجيڪٽ وڌيڪ لڳن ٿيون. اڄ به، هن ايڪهين صديءَ جي دور ۾ به، سنڌ ۾، جنهن قسم جي تعليم ڏني وڃي پئي، ان جو معيار اڄ کان چاليهه پنجاهه سال اڳ واري تعليم جي معيار جهڙو به ناهي. توڙي جو تن ڏينهن ۾ تعليمي حاصلات جي لاءِ ان قسم جو ساز و سامان دستياب ڪونه هوندو هو جيڪو اڄڪلهه جي ٻارن کي دستياب آهي: جيئن موبائل فونز ۽ سوشل ميڊيا جي سهولت. پر ان سڀ جي باوجود ٻارن جي ڪارڪردگي ۽ ڪيريئر جي چونڊ ڪرڻ هڪ مشڪل صورتحال جو شڪار رهندي آئي آهي. اها مشڪل صورتحال هي آهي ته ٻار ٿا چون ته سائين اسان زندگيءَ کان بيزار آهيون ڪا راهه ڏسيو. ٿورو تفصيل ۾ وڃي هنن کان جڏهن حال ۽ احوال ٿا وٺون ته معلوم ٿو ٿئي ته اهي والدين ٿي آهن. جيڪي ٻارن جي ڪيريئر جي چونڊ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن.

آرٽيفيشل انٽيليجنس (هٿرادو ذهانت) جي هن دور ۾ به عام طور تي والدين پنهنجي ٻارن کي يا ته ڊاڪٽر ٿا ڏسڻ چاهين يا وري انجنيئر بڻجڻ جي لاءِ دٻاءُ وجهن ٿا. خاص طور تي جيڪي والدين ڪامورڪي ڪرت سان ڳنڍيل آهن، اهي چاهين ٿا ته هنن جا ٻار به چٽا پيٽيءَ جا امتحان پاس ڪري ڪاموراڻي ٿين ۽ جيڪي خاندان سياست سان سلهاڙيل آهن، اهي چاهين ٿا ته هنن جي اولاد جي لاءِ سياست ڪرڻ ئي هڪ بهترين ڪيريئر آهي. جڏهن ته ٻار ٻين شعبن جهڙوڪ ٽيڪنيڪل (يا ڪاروباري، يا فنون لطيف) شعبن ڏانهن وڃڻ چاهيندا آهن. هڪ اهڙو ئي ٽيڪنيڪل شعبو اسان وٽ ڪمپيوٽر جي تعليم به آهي، جيڪا ٻن قسمن جي ذمرن ۾ ورهايل آهي: هڪ "سافٽ ويئر" ۽ ٻي "هارڊ ويئر". ٻنهي قسمن جي تعليم جو اسڪوپ (دائره ڪار) تمام گهڻو وسيع آهي ۽ روزگار جا موقعا به جام آهن. پاڪستان يا ڏکڻ ايشيا ۾ ته سافٽ ويئر جو وڏو اسڪوپ آهي. ٻار جنهن شعبي کي پنهنجي زندگيءَ جو اهم مقصد سمجهندا آهن، والدين ان مقصد ۾ رنجيده رهندا آهن ۽ وري والدين جيڪو چاهيندا آهن، ٻار ان کان فرار جون راهون پيا تلاش ڪندا آهن. اندازو لڳايو ته ڪيريئر جي چونڊ، جيڪو هڪ ٻار جو ذاتي فيصلو هجڻ گهرجي، ان ٻار ۾ فيصلي ڪرڻ جي قوت/صلاحيت انهيءَ ڪري به پروان ناهي چڙهندي، ڇاڪاڻ جو ٻار جي ذهن ۾ هن قسم جي جملن کي ويهاريو ويندو آهي ته. "توهان اڃان ٻار آهيو". "توهان اڃان دنيا ناهي ڏٺي". "جيستائين وڏا موجود آهن، توهان ڪير ٿيندا آهيو فيصلا ڪرڻ وارا؟" وغيره. ميٽرڪ بعد ٻار پنهنجي پنهنجي ڪيريئر جي پهرئين ڏاڪي، جيڪو ٻن سالن جي مدت وارو هوندو آهي، ان کي پار ڪرڻ جي لاءِ ڪاليجن ۾ داخلا وٺندا آهن. ڪاليج اعليٰ تعليم ڏانهن سفر ڪرڻ جي لاءِ هڪ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ تعليمي ادارا آهن. اسان وٽ سنڌ ۾ هن وقت هر تعلقي يا هڪ وڏي آبادي رکندڙ يونين ڪائونسل ۾ به ڪاليج موجود آهن. ڪاليجن جي بلڊنگس جو ڇا حال آهي؟ ٻارن جي حاضري ڪيتري آهي؟ اتي موجود تدريسي عملو پڙهائي به ٿو يا نه، انهن سڀني ڳالهين کي هڪ پاسي رکي اسان صرف هتي اها ڳالهه ڪريون ٿا ته سڀ جا سڀ ڪاليج صرف ٻن شعبن: يعني پري ميڊيڪل ۽ پري انجنيئرنگ جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ مخصوص ڪيا ويا آهن يا تيار ڪيا ويا آهن. جيڪي ٻار انجنيئر بڻجڻ چاهيندا آهن ته انهن کي پري انجنيئرنگ واري گروپ ۾ داخلا وٺڻي پوندي آهي ۽ جيڪي ڊاڪٽر ٿيڻ چاهيندا آهن ته انهن کي پري ميڊيڪل واري گروپ ۾ داخلا وٺڻي پوندي آهي. پر ڪي اهڙا ٻار به آهن، جيڪي اڳتي هلي ايم بي اي، ماس ڪميونيڪيشن/جرنلزم يا ڪنهن ٻئي شعبي ۾ صرف انهيءَ ڪري داخلا جا خواهشمند بڻجي پوندا آهن، ڇاڪاڻ جو اهي ويچارا يا ته ڊاڪٽر ٿيڻ کان رهجي ويا هوندا آهن يا وري انجنيئر بڻجڻ واري خواهش دل ۾ رهجي وئي هوندي اٿن.

پنجاب ۾ سروس ڪرڻ دوران مون ڏٺو ته اتي پري ميڊيڪل ۽ پري انجنيئرنگ جي تعليم ڏيڻ سان گڏ ڪجھ ٻيا شعبا به آهن، جن جي تعليم به ڪاليجن ۾ ڏني پئي وڃي. جهڙوڪ ڪمپيوٽر جي تعليم. پنجاب ۾ ڪمپيوٽر جي تعليم ڏيڻ جو بنياد ميٽرڪ کان ئي رکيو ويو آهي. بلڪل ائين، جيئن اسان وٽ اڳ ۾ ٻار جڏهن نائين ۽ ڏهين ڪلاس ۾ داخل ٿيندو هو ته ان کي آرٽس ۽ سائنس مان ڪنهن به هڪ پاسي جي چونڊ ڪرڻي پوندي هئي. ٻار جن پنهنجي ميٽرڪ ڪلاسن ۾ ڪمپيوٽر مضمون پڙهيو هوندو آهي.

انهن جي لاءِ ڪاليجن ۾ هڪ الڳ فيلڊ "انٽرميڊيئيٽ اِن ڪمپيوٽر سائنس" (آءِ سي ايس) رکيل هوندي آهي. آءِ سي ايس ڇا آهي؟ پري ميڊيڪل ۽ پري انجنيئرنگ جي تعليم وانگي آءِ سي ايس به هڪ ڪيريئر ٺاهڻ وارو تعليمي پروگرام آهي، جيڪو ڪاليج سطح تي هڪ جامع تعليمي پروگرام جي شڪل ۾ آڇيو ويندو آهي. جيڪو ميٽرڪ پاس هڪ ٻار جي لاءِ اڳتي هلي ڪمپيوٽر سائنس ۽ ڪمپيوٽر سافٽ ويئر ڊولپمنٽ سان گڏ ٻين ڪيترن ئي پروگرامن جي لاءِ راهون هموار ڪري ٿو ٻار ميٽرڪ بعد جهڙي طرح سان پري انجنيئرنگ ۽ پري ميڊيڪل ۾ داخلا وٺندا آهن. ساڳي طرح سان جن ٻارن ميٽرڪ ڪلاسن ۾ ڪمپيوٽر سبجيڪٽ کنيو هوندو آهي، انهن جي لاءِ آءِ سي ايس پروگرام موجود هوندو آهي. ڪمپيوٽر جتي هڪ ٽيڪنالاجي آهي، اتي هي هڪ جديد قسم جو علم به آهي. پاڪستان ۾ توڙي جو هن کي آئي چاليهن سالن کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي پر ان جي اهميت ۽ افاديت اڄ به برقرار آهي، خاص طور تي سوفٽ ويئر ڊولپنگ جي حوالي سان. اسان سڀ هن ڳالهه کي ڀلي ڀت ڄاڻون ٿا ته ڪمپيوٽر جي شعبي (تعليم) اسان جي روزمره جي ڪار وهنوار کي ئي بدلائي ڇڏيو آهي. آءِ سي ايس پروگرام ڪمپيوٽر ۽ سائنس جي گڏيل مطالعي جو نالو به آهي، جيئن ٻار اڳتي هلي انفارميشن ٽيڪنالاجي (آءِ ٽي) جي ميدان ۾، يا وري سافٽ ويئر ڊولپمنٽ جي دنيا ۾ پنهنجي لاءِ ڪا جڳهه ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن. ڪمپيوٽر اسان جي زندگين ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. ڪمپيوٽر اڄڪلهه نه صرف اسان جي تعليمي ادارن جو هڪ اهم حصو بڻجي ويا آهن پر اهي اسان جي روزمره جي زندگي ۾ ڪيترائي ڪم به سرانجام ڏئي رهيا آهن. اسان جي سادگي جو مثال هن کان وڌيڪ پيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته هڪ ڏينهن سنڌ جي هڪ تعليمي بورڊ جي سيڪريٽري کان جڏهن مون هي پڇا ڪئي ته توهان جو بورڊ آءِ سي ايس ڪرائي ٿو؟ ته ششدر ٿي مونکان پڇيائين ته پهرين ته هي ٻڌايو ته آءِ سي ايس آهي ڇا؟ مون آءِ سي ايس جي باري ۾ هن کي بريف ڪيو ۽ چيو ته سنڌ ۾ اسان جا تعليمي بورڊ آءِ سي ايس ڇو نه ٿا ڪرائين؟ ته جواب آيو ته هي اسان جو مينڊيٽ ئي ناهي.

اسان هن آرٽيڪل ذريعي سنڌ حڪومت کي گذارش ٿا ڪريون ته سنڌ جي سمورن ڪاليجن ۾ آءِ سي ايس پروگرام جي شروعات ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ جو هي پروگرام ڪو معمولي پروگرام ناهي. ٻارن کي آءِ ٽي جي دنيا ۾ ڪٽي وڃڻ جي لاءِ هي پروگرام تمام گهڻو مددگار رهي ٿو. پنجاب پنهنجي ڪاليجن ۾ گذريل 25 سالن کان آءِ سي ايس پروگرام هلائي رهيو آهي ۽ ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان کي اڄ به خبر ناهي ته آءِ سي ايس ڪهڙي بلا جو نالو آهي! پاڪستان جي تعليمي نظام جي باري ۾ گڏيل قومن جي هڪ تازي رپورٽ ۾ ڇاپيل آهي ته: "پاڪستان جو تعليمي نظام جديد گهرجن کان سٺ سيڪڙو پٺتي بيٺل آهي." ساڳي حوالي سان سنڌ ڪٿي بيٺل آهي؟ سوچيو!

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون ڪي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَا! ڪي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيون ڦَرَق ڪن، جڏهين اَمر ڪريو اِنِ ڪي.

پاڪ ايران ۽ سعودي عرب جا سفارتي لاڳاپا

رياض ابڙو

سعودي ۽ پاڪستان جا لاڳاپا ڏهاڪن کان هلندا پيا اچن ۽ ڪيترن ئي جيوپوليٽيڪل طوفانن کي منهن ڏئي چڪا آهن. يمن، ايران ۽ ڪشمير جي مسئلن تي لاڳاپا ڇڪتاڻ ۾ ايندا رهيا آهن. پر انهن اختلافن کي ٻه طرفي لاڳاپن ذريعي وڏي نقصان کان بغير سفارتي چينلز ذريعي حل ڪيو ويو آهي. اعليٰ سطحي دورن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڇڪتاڻ جي باوجود ٻه طرفا لاڳاپا بهتري تي آهن. اهو جڻ ڏکيو آهي ته بند دروازن جي پويان ڪهڙي خاص ڳالهه ٻولهه ڪئي ٿي وڃي.

پاڪستان ۽ سعودي عرب آمريڪا جي اڳواڻيءَ ۾ آمريڪي گروپ جا اهم ميمبر هيا. جيڪي افغان جهاد دوران سوويت يونين سان وڙهيا هيا. جڏهن ته 1996 ۾ ڪابل تي طالبان جي حڪومت تي قبضي ڪاٿپو، سعودي، پاڪستان ۽ امارات هئا جن افغان حڪومت کي تسليم ڪيو هيو ان ڪري پاڪستان ۽ سعودي عرب سرڪار افغان صورتحال تي نظر رکي ٿي ته جيئن گڏيل حڪمت عملي جوڙي سگهجي.

حقيقت اها آهي ته ٻين مسلمان رياستن کي انهن اهم مسئلن تي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ گهرجي، جيڪي مسلم دنيا خاص ڪري فلسطين ۽ ڪشمير کي متاثر ڪن ٿا. حقيقت ۾ اڳوڻي پرڏيهي وزيرشاهه محمود قريشي به ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هيو ۽ سعودي جي اڳواڻي ۾ او آءِ سي جي ڪشمير تي عربن تنقيد ڪئي هئي. جنهن سبب لاڳاپا خراب ٿي ويا هيا. معاملن کي هموار ڪرڻ ۾ مدد لاءِ ان وقت جي وزيراعظم ۽ آرمي چيف پاران سعوديءَ جا دورا ڪيا ويا هيا.

پاڪستان کي پنهنجي سفارتي ڪوشش کي جاري رکڻ گهرجي ته جيئن سڀني رياستن، خاص طور تي مسلمان بلاڪ ۽ خطي سان دوستانا لاڳاپا برقرار رکي سگهجن. جڏهن ته سعودي عرب هڪ روايتي پائيوار آهي. ايران هڪ پاڙيسري آهي ۽ پاڪستان سان ثقافتي ۽ تاريخي لاڳاپن جو حصيدار آهي. تنهن ڪري پاڪستان کي سعودي ۽ ايران جي وچ ۾ سفارتي پل تعمير ڪرڻ لاءِ پنهنجي صلاحيت جو بهترين استعمال ڪرڻ گهرجي. سعودي عرب به مسلم دنيا ۾ پنهنجي موقف کي نظر ۾ رکندي والاريل ڪشمير جي عوام تي ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز اٿارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پاڪستان ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا احترام ۽ گڏيل مفادن تي ٻڌل هوندا آهن. پر لاڳاپن ۾ تڏهن وڏي گهٽتائي اچي وئي هئي جڏهن پاڪستان يمن ۾ سعودي جي اڳواڻي ۾ جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو هيو.

حقيقت ۾ سعودي هاڻي يمن جي جنگ مان پاڻ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان ڪري پاڪستان کي مسلم بلاڪ ۾ غير جانبدار رهڻ گهرجي ۽ مختلف جيوپوليٽيڪل ڪشمڪش ۾ رياستن جي وچ ۾ پل ٺاهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. فرقيواريت ۽ علائقائي تڪرارن ۾ ڦاسڻ يقينن پاڪستان جي مفاد ۾ ناهي جيڪو اعليٰ حڪمرانن کي سمجهڻ گهرجي.

پاڪستان ڊگهي عرصي کان مسلم ملڪن سان پنهنجي لاڳاپن ۾ توازن برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان جي مسلسل مالي ۽ سياسي مدد جي ڪري پاڪستان هميشه سعوديءَ ڏانهن جهڪاءُ رکيو آهي. پاڪستان ايران سان پنهنجي اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن جي صلاحيت جو مظاهرو به ڪيو آهي. پر پاڪستان سعودي عرب ۽ آمريڪا جي مداخلتن ۽ ناراضگين جي ڪري پورو پورو فائدو ناهي وٺي سگهيو اها اڳڪٿي ڪرڻ ڏکي آهي ته ڇا سعودي- ايراني لاڳاپن جي بحاليءَ سان سندن سياسي نظرياتي دشمني ختم ٿي ويندي؟ اهو تصور ڪرڻ به بلڪل سادو آهي ته ان سان پاڪستان ۾ فرقيواريت واري ڇڪتاڻ ختم ٿي ويندي، جن کي ماضي ۾ سعودين ۽ ايرانين گهڻو ڪري هٿي ڏني هئي.

اسلامي ملڪ ان ترقي کي پاڪستان لاءِ گيم چينجر جي طور تي بيان ڪن ٿا. ان خيال جي بنياد تي ته وچ اوڀر ۾ ٻن دشمنن جي وچ ۾ معمول جي صورتحال ڪجھ معاشي مشڪلاتن کي آسان بڻائي سگهندي؟ ان ڪري پاڪستان کي ٻنهي ملڪن سان پنهنجي لاڳاپن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپن جي بحالي پاڪستان لاءِ گهڻو ڪجھ تبديل نه ٿي ڪري سگهي، ڇاڪاڻ ته مسئلو ٻنهي ملڪن سان پنهنجي ٻه طرفي لاڳاپن ۾ آهي. وچ اوڀر ۾ چين کي عالمي ۽ علائقائي سياسي منظرنامي ۾ وڏي تبديلي جي طور تي پيش ڪيو آهي ۽ هڪ نئين پاور بلاڪ جي قيام جو اشارو پڻ ڏنو ويو آهي. پيا ان کي ڪوشش طور ڏسن ٿا ته جيئن انهن جي اسٽريٽجڪ، اقتصادي ۽ سياسي اختيارن کي بهتر بڻائي سگهجي. انهن جي عالمي سياسي تصوير کي تبديل ڪرڻ ۽ پاڪستان سميت روايتي اسٽريٽجڪ اتحادين تي انحصار گهٽائڻ (جيڪي مدد جي ضرورت جي صورت ۾ غيرجانبداري پوزيشن کي برقرار رکندا آهن). محمد بن سلمان جيڪو نظرياتي رياست جي جاري ڪيل ڊتيديليءَ جو معمار آهي. شايد اهو سبق تڏهن سکيو هوندو جڏهن پاڪستان يمن جنگ دوران غيرجانبدار رهڻ جو فيصلو ڪيو هو. پر ايران بين الاقوامي دٻاءُ گهٽائڻ ۽ خليج رياستن سان اقتصادي تعاون وڌائڻ جا رستا پڻ ڳولي رهيو آهي. پر پاڪستان ۽ افغانستان سميت پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي وڌائڻ ۾ مسلسل رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جيڪو انهن کي مضبوط برآمداتي بنياد ٺاهڻ جي صلاحيت کي نقصان ٿو پهچائي.

ڪجھ تجزيانگارن جو خيال آهي ته سعودي پنهنجي سياسي ۽ سفارتي طاقت کي آزمائي رهيو هيو ۽ ايران سان سفارتي لاڳاپن جي بحالي ان حڪمت عملي جو حصو هيو ايران ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ تازو لاڳاپا وچ اوڀر لاءِ ڪيترائي ۾ اثر ٿي سگهن ٿا. اهو شايد ٿي پاڪستان لاءِ اسٽريٽجڪ تبديلي آڻي سگهي. سعودين لاءِ دفاعي تعاون هڪ مسئلو رهيو آهي ۽ ايران لاءِ سرحد جي حفاظت ۽ دهشتگردي جون ڪارروايون پاڪستان سان ان جي ٻه طرفي لاڳاپن ۾ اهم رڪاوٽون آهن. جن جو هڪ جهڙو ۽ حقيقي تصور آهي. ايران جي باري ۾ چيو ويو آهي ته بلوچ باغي هاڻي پنهنجي سرزمين کي پاڪستاني سيڪيورٽي فورسز جي خلاف آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن.

پاڪستان ڊگهي عرصي کان مسلم ملڪن سان پنهنجي لاڳاپن ۾ توازن برقرار رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان جي مسلسل مالي ۽ سياسي مدد جي ڪري پاڪستان هميشه سعوديءَ ڏانهن جهڪاءُ رکيو آهي. پاڪستان ايران سان پنهنجي اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن جي صلاحيت جو مظاهرو به ڪيو آهي. پر پاڪستان سعودي عرب ۽ آمريڪا جي مداخلتن ۽ ناراضگين جي ڪري پورو پورو فائدو ناهي وٺي سگهيو.

بقايا 01 ***

ڪيو آپگهاتي بمبار سميت 2 دهشتگرد مارجي ويا. پوليس موجب، هڪ حملو ڪندڙ آپگهاتي ڌماڪو ڪيو حملي بعد فوري طور پوليس نفري پهچي وئي، فائرنگ ڪندڙ جو پوليس سان مقابلو ٿيو. پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي طور لڳي ٿو دهشتگردن جو انگ 2 هو ۽ ٻئي پيادل هئا. هڪ دهشتگرد گاڏي ويجهو پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو هڪ دهشتگرد گاڏي تي فائرنگ ڪئي. پوليس اختيارين موجب، شرافي گوٺ ٿاڻي جي حدن ۾ پرڏيهين جي وين ويجهو ڌماڪو ٿيو شروعاتي اطلاع موجب ڌماڪي وقت فائرنگ به ٿي، وين ۾ پنج پرڏيهي سوار هئا، سمورا پرڏيهي شهري محفوظ آهن. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته پرڏيهي شهرين کي محفوظ هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي، پرڏيهي زمزمه کان ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون ۾ ڪم ڪرڻ ويندا آهن. پوليس اختيارين موجب، پرڏيهي جي وين کي موٽرسائيڪل سوار آپگهاتي بمبار ذريعي نشانو بڻايو ويو واقعي واري هنڌ تان هڪ ڪلاشنڪوف، دستي بمن سان ڀريل بيگ به ملي آهي، واقعي واري هنڌ پرسان هڪ ٻي گاڏي کي به نقصان پهتو واقعي جي اڳين ڏني شاهد سڪيورٽي گارڊ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هو هو ٻن گاڏين ۾ زمزمه کان نڪتا هئا، مانسهرا ڪالوني ويجهو ڌماڪو ٿيو ڌماڪي بعد هڪ دهشتگرد گاڏي پٺيان فائرنگ ڪري رهيو هو اسپتال اختيارين جو چوڻ آهي ته ڌماڪي جي زخمين ۾ 45 ورهين جو نور محمد، لنگر خان ۽ سلمان مسيح شامل آهن. ٻنهي جي حالت گنڀير جوڳي آهي جڏهن ته زخمين ۾ ڪو به پرڏيهي شامل نه آهي، ان کانسواءِ سيڪيورٽي گارڊ نور محمد علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته ٻيو سيڪيورٽي گارڊ سلمان رفيق وينٽي ليٽر تي آهي.

بقايا 02 ***

دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو. سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي جي مانسهرا ڪالوني ۾ پرڏيهين سان پيش آيل واقعي جي مذمت ڪئي آهي. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پوليس جي وقت تي ڪارروائي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. سندس چوڻ هو ته هو دهشتگردن سان جهيڙيندڙ پوليس جي جوانن کي ڀيٽا پيش ڪن ٿا. سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ڪنهن به صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو.

بقايا 03 ***

طور قسم کنيو جي يو آءِ جي نور عالم خان چيو ته اسپيڪر صاحب، اوهان هڪ غير آئيني ڪم ڪيو آهي، اهو ميمبر اسان جو رڪن ناهي پر اوهان ڪانئس حلف ورتو سپريم ڪورٽ ۾ ان سيٽ بابت ڪيس هلي رهيو آهي، جيڪڏهن اوهان اجلاس ائين هلائي رهيا آهيو ته اسان ڪورم جي نشاندهي ڪنداسين. اياز صادق چيو ته انهن ميمبرن جو اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. اجلاس دوران مخالف ڌر اڳواڻ عمر ايوب خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته ملڪ ۾ آئيني ۽ قانوني شين جي کوٽ آهي، مهانگائي جا مسئلا آهن، اسان قسم کنيو آهي ته آئين جي پاسداري ڪنداسين، آئين جي پچڪڙي ٿي رهي آهي، صدر جي خطاب تي بحث شروع ڪريو. عمر ايوب چيو ته اوهان کي رٽ پيش ڪرڻي آهي ته صدر جي خطاب تي بحث ڪرڻو آهي. اپوزيشن ليڊر رٽ تي بحث ڪندي ميمبران تي ڳالهائيندا. سندس چوڻ هو ته ڪالهه نارووال ۾ سرڪاري گاڏيءَ جي ٽڪر ۾ نوجوان شهيد ٿيو ڪير سار لهڻ وارو ڪونهي، ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي حڪمراني نه آهي. پ پ اڳواڻ عبدالقادر پٽيل چيو ته حڪومتي ۽ اپوزيشن بئنچن ۾ ڇڪتاڻ نظر اچي رهيو آهي، پارليامان جي صبر کي چئلينج ڪيو ويو ته هتي ڪو به ماءُ جو پٽ هتي ڳالهائي نه سگهندو. قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب ڪندي چيو ته حيرت آهي ته قانون ڪير پڙهائي رهيو آهي، خبر ناهي قانون ڪٿان پڙهيو پيو وڃي. اجلاس جاري آهي تقرير تي بحث ايجنڊا تي اچي ويندي، صدر جي تقرير دوران جيڪو ٿيو اهو شرمناڪ آهي. نوشڪي ۽ ڪشمور ۾ پيش آيل واقعن تي جمال رئيساڻي ڏيان ڏيارايو نوٽيس تي چيو ته ملڪ دشمنن خلاف اسان وٽ پلانز آهن، جنهن تي قانون واري وزير چيو ته 5 ڏهاڪن کان پاڪستان دهشتگردن جي نشاني تي آهي، انهن عنصرن خلاف قدم کنيا پيا وڃن. هن ايوان ۾ دهشتگردي جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي، دهشتگردن کي ملڪ ۾ واپس آندو ويو اعظم نذير چيو ته دهشتگردن سان ڪنهن به قسم جون ڳالهيون نه ٿينديون، انهن کي انهن جي زبان ۾ ئي جواب ڏنو ويندو

بقايا 04 ***

ٽيڪنالاجي جي مدد سان گڏيل آپريشن جو فيصلو ڪيو ويو آهي. محسن نقوي جي صدارت هيٺ نيڪٽا هيڊڪوارٽر ۾ نيشنل ايڪشن پلان تي عملدرآمد لاءِ جائزي ڪميٽي جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ وفاقي گهرو سيڪريٽري، نيڪٽا سربراهه، ڊي جي ايف آءِ اي، سنڌ، پنجاب، خيبر پختونخواهه، بلوچستان، آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ اسلام آباد جا آءِ جيز به شريڪ ٿيا. اجلاس جي بريفنگ موجب سنڌ ۽ پنجاب جي ڪچي ۾ گڏيل آپريشن جو فيصلو ڪيو ويو، وفاقي گهرو وزير چيو ته ڪچي جي علائقن مان شرپسند عنصرن جو مڪمل خاتمو ڪيو ويندو ۽ گڏيل آپريشن لاءِ ڊرونز سميت جديد ٽيڪنالاجي جو استعمال ۾ آندو ويندو

بقايا 05 ***

اقبال جي رڪنيت معطل ڪري ڇڏي. اسپيڪر صدر آصف زرداري جي خطاب دوران غير پارلياماني ٻولي استعمال ڪرڻ تي هڪ اجلاس لاءِ ٻنهي جي رڪنيت معطل ڪئي، اياز صادق جي صدارت هيٺ قومي اسيمبلي اجلاس 40 منٽ دير سان شروع ٿيو اجلاس دوران اسپيڪر رولنگ ڏيندي چيو ته صدارتي خطاب دوران جمشيد دستي ۽ محمد اقبال غير پارلياماني ٻولي استعمال ڪئي، ٻنهي اسيمبلي قاعدن جي پچڪڙي ڪئي، اسپيڪر چيو ته انهن جي رڪنيت هن اجلاس لاءِ معطل ڪئي وڃي ٿي، ٻئي موجوده اجلاس ۾ حصو نه وٺي سگهن.

بقايا 06 ***

ڏئي ڇڏيو. آصف ڀٽو زرداري سان گڏ پارليامينٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو اسان ته آمريتن جا مقابلا ڪيا، انهن کان ڊڄڻ وارا ناهيون. هن چيو ته اپوزيشن جي ٻن ميمبرن جي معطلي ضروري هئي، هڪ مثال ضرور سيٽ ڪرڻ گهرجي ته پارليامينٽ جي رولز جي دائري ۾ رهي ميمبرن کي ڪم ڪرڻ گهرجي. سندس چوڻ هو دائري ۾ رهي ڪم ڪيو ويندو ته اپوزيشن کي ويلڪم ڪنداسين ۽ انهن جي تنقيد جي به آجيان ڪنداسين، اپوزيشن وارا آصف کان ڊڄن ٿا. هڪ سوال جي جواب ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته حڪومتي قدمن سان ماني سستي ناهي ٿي

بقايا 07 ***

سطح تي پهچي وئي جمعي تي اسٽاڪ ايڪسچينج جي انڊيڪس ڪاروبار جي پڇاڙي تاريخ جي بلند ترين سطح تي ڪئي 100 انڊيڪس 619 پوائنٽن واڌ سان 70909 تي بند ٿيو ڪاروباري ڏينهن ۾ انڊيڪس 782 پوائنٽن جي بيند ۾ رهيو 100 انڊيڪس جي اڄ بلند ترين سطح 70968 رهي. بازار ۾ اڄ ساڍا 47 ڪروڙ شيئرز جا سودا ٿيا. شيئرز بازار جي ڪاروبار جي ماليت سوا 23 ارب رپيا رهي. ان کانسواءِ مارڪيٽ ڪيپٽلائيزيشن 46 ارب رپيا وڌي 9833 ارب رپيا آهي.

بقايا 08 ***

جي برقت ڪارروائي سان پرڏيهي مهمان محفوظ رهيا. رگو سندن هڪ گارڊ زخمي ٿيو، وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته پرڏيهي مهمانن جي سڪيورٽي تي مقرر سڪيورٽي جي علاج جو فوري بندوبست ڪيو وڃي. وڏي وزير مراد علي شاهه آءِ جي سنڌ کي واقعي جي جاچ ڪري رپورٽ ڏيڻ جي هدايت ڪندي چيو ته هي ڪٿان آيا هئا ۽ سندن مددگارن جي سموري معلومات حاصل ڪئي وڃي، وڏي وزير ڌماڪي ۾ استعمال ٿيل بارود بابت به تفصيل معلوم ڪري ورتو. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته ملڪ دشمن عنصر امن امان خراب ڪرڻ چاهن ٿا جنهن جي ڪنهن به قيمت تي اجازت نه ڏني ويندي، پوليس جي برقت ڪارروائي بهترين قدم هو

بقايا 09 ***

مشاورت ڪئي، حڪومتي ذريعن موجب مشاورت نئين آءِ ايم ايف پروگرام جي حوالي سان ڪئي وئي، حڪومتي ذريعن جو چوڻ آهي ته عالمي مالياتي ادارن جي اختيارين پاڪستان جي معاشي ٽيم کي آءِ ايم ايف کان وڏي عرصي بجاءِ ٿوري وقت وارو پروگرام وٺڻ جي صلاح ڏني، ادارن ٽيڪس نظام کي ڊجيٽلائيز ڪرڻ ۽ هر قسم جي رليف کي ختم ڪرڻ جو مشورو پڻ ڏنو ان کانسواءِ عالمي مالياتي ادارن مالي خسارو ختم ڪرڻ لاءِ حڪومتي ڪمپنين جي تيز رفتار نجڪاري لاءِ به چيو

بقايا 10 ***

آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس ارباب محمد طاهر حج ۽ عمري جون خدمتون فراهم ڪندڙ نجي ڪمپنين جي حج ڪوٽا بابت درخواستن تي هڙتال ڪئي ۽ ريمارڪس ڏنا ته هر سال 5_5 ماڻهو مري وڃن ٿا ۽ وزير عمرو عرفان موڪليا ويندا آهن. آءِ ايف آءِ اي کان هر سال سمورو تفصيل گهرائينداسين. هن پڇائو ڪيو ته پيرا ميڊيڪس اسٽاف ڪنهن کي موڪليندا آهيو؟ ملڪ جي ڪورانن انهن علائقن جا ماڻهو حج ۽ عمري تي ويندا آهن، انهن کي آگاهي ڏني وڃي ته ڪا شڪايت هجي ته ڪيئن ۽ ڪنهن سان رابطو ڪن؟ حاجين کي جاري ميسيج ۾ سمورو مڪينزم شامل ڪري کين مڪمل تفصيل هڏاين هتان طبي عملو به ويندو آهي پر اتي ڪير نظر ناهي ايندو هاءِ ڪورٽ مذهبي معاملن واري وزارت کي حج تي ويندڙ پانڌيئڙن کي مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته هن سال اسان به حج معاملن جي نگراني ڪنداسين. عدالت حاجين جي ڄاڻ لاءِ الرٽ ميسيجز ذريعي مڪمل گائيڊ لائن فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. جسٽس ارباب طاهر ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن ڪنهن ٽيڪسي بابت به شڪايت ڪئي ته توهان جو خير ناهي، جيڪڏهن هڪ به شڪايت آئي ته انهن جا لائسنس رد ڪنداسين. عدالت چيو ته اسان سمورا ڪيس پينڊنگ ۾ رکي رهيا آهيون. آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ ٻيهر هڙتال ٿيندي. هن سال حج ۾ وزارت جي ڪارڪردگي ڏسنداسين پوءِ انهن ڪيسن جو فيصلو ڪنداسين.

بقايا 11 ***

سردار سرفراز ڊومڪي، عبدالرحمان کيتران شامل آهن. ميرسليم کوسو، ميرعاصم، بخت ڪاڪڙ، طارق مگسي، شعيب نوشيرواني، راحيلا حميد دراني ۽ ميرضياءُ الله لانگو به حلف کنيو حلف برداري تقريب ۾ بلوچستان جي وڏي وزير سميت اسيمبلي جي ميمبرن، سول ۽ ملٽري بيوروڪريسي شرڪت ڪئي، ڪابينا ۾ شامل وزيرن کي قلمدان ڏيڻ جو اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو.

بقايا 12 ***

جي چيف جسٽس لاءِ جسٽس اشتياق ابراهيم جي نالي جي منظوري ڏني، صدرطرفان منظوري بعد قانون واري وزارت جسٽس اشتياق ابراهيم جي پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طور مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو صدر زرداري بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس لاءِ هاشم ڪاڪڙ جي منظوري به ڏني، جنهن بعد قانون واري وزارت جسٽس هاشم ڪاڪڙ جي مقرري جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو پشاور هاءِ ڪورٽ جي ٽن ايڊيشنل ججن کي مستقل جج بڻائڻ جو به نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي، جنهن موجب جسٽس فضل سبحان، جسٽس شاهد خان ۽ جسٽس ڊاڪٽر خورشيد اقبال کي مستقل جج بڻائڻ جي منظوري ڏني وئي آهي.

بقايا 13 ***

45 اسپورٽس ايسوسي ايشنز جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري اسپورٽس جلال الدين مهر ۽ سمورن اسپورٽس ايسوسي ايشنز جي سربراهن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن، سنڌ باڪسنگ ايسوسيئيشن، سنڌ هاڪي ايسوسيئيشن ۽ ٻين يونين شرڪت ڪئي. راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر جو چوڻ هو ته صوبي ۾ سنڌ اسپورٽس سٽي ناهڻ ۽ ڊويزنل سطح تي اسپورٽس گيمز شروع ڪيون وينديون. هن راندين واري سيڪريٽري کي هدايت ڪندي چيو ته نيشنل گيمز ۽ ڊويزنل سطح تي اسپورٽس گيمز ڪرائڻ لاءِ تياري ڪئي وڃي. سنڌ اسپورٽس سٽي ناهڻ جي لاءِ پروپوزل تيار ڪيو وڃي، اسان چاهيون ٿا ته سنڌ ۾ اسپورٽس سٽي ناهيو وڃي ته جيئن سنڌ جي راندين کي ترقي ملي سگهي. راندين واري وزير جوڳيڪ چوڻ هو ته اسپورٽس سٽي ۾ اسپورٽس يونين جون آفيسون به قائم ڪيون وينديون. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي راندين کي اڳتي آڻيون، ان چيو ته سيڪريٽري اسپورٽس جي آفيس سمورن اسپورٽس ايسوسي ايشنز لاءِ هر وقت کليل رهندي، منهنجو پاڻ راندين سان تعلق آهي، اسان سڀ گڏجي راندين کي اڳتي آڻينداسين. اسپورٽس ايسوسي ايشنز جي اڳواڻن اجلاس ۾ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ اسپورٽس سٽي جو اعلان خوش آئند آهي ۽ فزيڪل ايجوڪيشن کي تعليم کاتي مان واپس وٺي راندين واري کاتي ۾ ضم ڪيو وڃي جنهن تي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر تمام اسپورٽس ايسوسي ايشنز جي اڳواڻن کي مسئلا حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو.

بقايا 14 ***

جي شروعات صبح 7 وڳي ٿي، پهرئين مرحلي ۾ 21 رياستن جي 102 سيٽن تي ووٽ وڌا ويا. 1600 کان وڌيڪ اميدوار ميدان ۾ هئا. جڏهن ته 16 ڪروڙ 63 لک کان وڌيڪ ووٽر رجسٽرڊ هئا. 21 رياستن ۾ لوڪ سڀا جي 102 سيٽن تي مجموعي طور ٽرن آئوٽ 59.71 سيڪڙو رهيو. ڀارت ۾ چونڊون 7 مرحلن ۾ ٿينديون، پهرين جون تائين جاري رهنديون ۽ نتيجن جو اعلان 4 جون تي ڪيو ويندو.

بقايا 15 ***

مهمند جي هدايتن تي نيسنل هاءِ وي اٿارٽي سمورين توانائين ۽ وسيلن جي بحالي تي لڳايو ويو آهي. ملڪ جي اڪثر حصن ۾ اين ايڇ اي نيٽ ورڪ ٽريفڪ لاءِ بحال آهي. ان حوالي سان سڄي ملڪ ۾ حساس ماڳن تي اين ايڇ اي جو عملو ۽ مشينري مصروف آهي قراقرم شاهراهه تي ڪجھ جاين تي لينڊ سلائيڊنگ سبب بند آهن. پاڪ فوج جي مدد سان لينڊ سلائيڊنگ جو ملبو صاف ڪيو پيو وڃي. شاهراهه جلد هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بحال ٿي ويندي. گلگت بلتستان ۾ گيتي داس کان زيرو پوائنٽ (چلاس) جي مقام تان برف هٽائي پئي وڃي جڏهن ته ڪاغان کان جيپ ٽريفڪ لاءِ کليل آهي. اهڙي ريت خيبرپختونخوا ۾ اڪثر روڊ ٽريفڪ لاءِ بحال ڪيا ويا آهن. ڪاغان، گيتي داس جي مقام تي برفباري سبب روڊ هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند ٿي چڪو آهي. برف هٽائڻ جو موسم تبديل ٿيڻ کانپوءِ شروع ڪيو ويندو. اتر ۽ ڏکڻ بلوچستان ۾ اين ايڇ اي روڊ نيٽ ورڪ تي ٽريفڪ معمول موجب هلي رهي آهي. روڊ انفراسٽرڪچر کي بهترين حالت ۾ رکڻ لاءِ اين ايڇ اي جي سڀني علائقائي آفيسن ۾ ڪنٽرول رومز قائم ڪيا ويا آهن جتي پرياسي جي موسمي ۽ روڊن جي صورتحال کي مانيٽر ڪيو پيو وڃي. صورتحال موجب عملدار هدايتون جاري ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ عوام ڪي اپيل ڪئي وئي آهي ته غير ضروري طور تي خطرن جو منهن ڏيڻ کان پاسو ڪن.

بقايا 16 ***

وزير ۽ صوبائي ڪابينا کي اجلاس طلب ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو ويو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته آئين جي آرٽيڪل 105 موجب ٻن هفتن اندر ڪي پي اسيمبلي جو اجلاس گهرايو وڃي ۽ ڪي پي ۾ سينيٽ جي چونڊن کان اڳ چونڊيل ميمبرن کان حلف ورتو وڃي. فيصلي موجب نون چونڊيل ميمبرن کي حلف کان روڪڻ آئين جي پچڪڙي آهي. واضح رهي ته خيبر پختونخواهه حڪومت مخصوص سيٽن تي چونڊيل مخالف ڌر جي ميمبرن کان حلف لاءِ اجلاس نه گهرائڻ جو فيصلو ڪيو هو ميمبرن کان حلف نه وٺڻ واري معاملي تي اليڪشن ڪميشن جي ڪي پي اسيمبلي ۾ سينيٽ جون چونڊون ملتوي ڪيون هيون.

بقايا 17 ***

صوبي ۾ هارين کي وڏ کان وڏ رليف ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. هن اجلاس ۾ تجويز ڏيندي چيو ته هاري ڪارڊ جو نالو پيپلز هاري ڪارڊ يا بينظير هاري ڪارڊ رکيو وڃي، هاري ڪارڊ ۾ ڪٽڪ ۽ قدرتي آفتن جي صورت ۾ هارين جي مدد ڪئي ويندي، سنڌ جي هارين کي هاري ڪارڊ تي زرعي ٻج، يوريا، پاڻ، زرعي دوائن تي سبسڊي ملي سگهندي، سردار محمد بخش مهر چيو ته هارين کي فارم ست مختيارڪارن کان تصديق ڪرائڻي پوندي، جيڪڏهن ڪو هاري پنهنجي زمين وڪرو ڪندو ته ان کي ڪارڊ حڪومت کي واپس ڪرڻو پوندو اجلاس ۾ آبپاشي واري وزير جام خان شورو تجويزون ڏيندي چيو ته پهرين مرحلي ۾ 1 لک 70 هزار هارين لاءِ هاري ڪارڊ ٺاهيا وڃن، گذريل ٻوڏن ۾ برساتن ۾ زراعت ۽ آبپاشي کاتي سميت ٻين کاتن تمام سلو ڪم ڪيو. سمورين تجويزن سنڌ ڪابينا اڳ ڪنداسين. جنهن کان پوءِ فيصلو ڪيو ويندو، زراعت واري سيڪريٽري رفيق احمد برڙو بريفنگ ڏيندي چيو ته سنڌ ۾ زراعت کاتي پاران تعلقي سطح تي هاري سهولت ڪال سينٽر ۽ تعلقي ليول تي ڪميٽيون ٺاهيون وينديون. سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو بقاءُ الله انڙ بريفنگ ڏيندي چيو ته سنڌ جي روينيو کاتي جي 17 ضلعن جي هارين جي ڊيٽا ملي وئي آهي. سيڪريٽري زراعت رفيق احمد برڙو بريفنگ ڏيندي چيو ته زراعت کاتو سنڌ پاران هاري سهولت ڪال سينٽر تعلقه سطح تي ڪميٽيون ٺاهيون وينديون، ته جيئن هارين کي معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن به ڏکيائي جو منهن ڏسڻو نه پوي.

بقايا 18 ***

سي پي ۽ آر پي او کي امن ڪميٽيءَ طرفان واضح هدايتون مليون هيون. آفيسرن کي هدايتون هيون ته اسلام آباد انتظاميا کي هر ممڪن سهڪار فراهم ڪريو. شهباز شريف پنهنجي بيان ۾ واهه جو چيو ته ڪنهن کي تنظيم تي پابندي دهشتگردي توڙ ايڪٽ ۾ ڏنل سخت معيار تحت لڳندي آهي. پابندي گهرو وزارت پنهنجي مينڊيٽ موجب لاڳو ڪري سگهي پئي. طاقت جي استعمال سبب ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال بگڙجڻ جو خدشو هو. پنهنجي بيان ۾ شهباز شريف چيو ته ٽي ايل پي جي اڳواڻن سان سياسي ڳالهيون ٿي رهيون هيون. ٽي ايل پي ۽ وفاقي حڪومت ۾ معاهدي ۾ اتفاق ٿيو هو. معاهدي ۾ طئي ٿيو هو ته ٽي ايل پي اڳواڻ ۽ ڪارڪنن خلاف ڪيس قانوني طريقيڪار ڪانپوءِ واپس ورتا ويندا.

بقايا 19 ***

ٿيون. موسمياتي ماهرن موجب پاڪستان ۾ اپريل جي مهيني ۾ معمول کان 99 سيڪڙو وڌيڪ برساتون ٿيون. جنهن ڪانپوءِ اپريل ۾ برساتن جو 30 ورهين جو رڪارڊ ٽٽي ويو ماهرن جو چوڻ آهي ته بلوچستان ۾ معمول کان 300 سيڪڙو وڌيڪ ۽ خيبر پختونخواهه ۾ 90 سيڪڙو وڌيڪ برساتون ٿيون. جڏهن ته گذريل 30 سالن جي ڀيٽ ۾ هلندڙ مهيني پهرين کان 18 اپريل تائين ٿيندڙ برساتون سراسري برسات کان 99 سيڪڙو وڌيڪ هيون. ماهرن موجب غير معمولي برساتون موسمياتي تبديلين سبب ٿيون.

بقايا 20 ***

سپريم ڪورٽ جي هدايت تي هاءِ ڪورٽ جي سيني ججن کان تجويزون گهري ورتيون. ذريعن جو چوڻ آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي آفيس طرفان سيني ججن کان سومر تائين تجويزون طلب ڪيون ويون آهن. ذريعن موجب ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ايسٽ ۽ ويسٽ اسلام آباد کان به تجويزون گهريون ويون آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته ججن کي سپريم ڪورٽ جي حڪم نامي جي ڪاپي به موڪلي وئي آهي. ججن جي تجويزن ڪانپوءِ فل ڪورٽ گهرائڻ بابت فيصلو ٿيندو

بقايا 21 ***

راءِ تي بدل نئين سروي جاري ڪئي آهي. جنهن تحت 84 سيڪڙو پاڪستاني ٽيڪس ڏيڻ جا حامي آهن. ٽيڪس ڏيڻ جي حامي پاڪستانين ٽيڪس چوري کي غلط ۽ ملڪي معيشت لاءِ وڏو نقصان قرار ڏنو سروي ۾ 11 سيڪڙو پاڪستانين ٽيڪس چوري جي حمايت ڪئي ۽ ان عمل کي درست قرار ڏنو جڏهن ته ٻه سيڪڙو پاڪستانين موقعو ملڻ باوجود ٽيڪس نه ڏيڻ جي وچولو موقف اختيار ڪيو ته انهن ٽيڪس ڏيڻ جي ڪليل حمايت ڪئي نه مخالفت.

بقايا 22 ***

شراب ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا. شرجيل ميمڻ جو چوڻ آهي ته سنڌ سرڪار منشيات کان پاڪ مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي، منشيات وڪرو ڪندڙ معاشري جا ناسور آهن. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايتن تي منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون تيز ڪندي مختلف ضلعن مان وڏيڪ چئن منشيات وڪرو ڪندڙن کي گرفتار ڪري 5 ڪلو چرس، آٺ ڪلو هيروئن، ديسي شراب ۽ هٿيار هٿ ڪيا ويا. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ آهي ته سنڌ سرڪار منشيات کان پاڪ مستقبل کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي، سندس چوڻ هو ته منشيات وڪرو ڪندڙ معاشري جا ناسور آهن. سندن خاتمو ڪيو ويندو. سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته منشيات وڪرو ڪندڙ ڪنهن نرمي جي اميد نه رکن، حڪومت قانون جي ڀرپور طاقت سان کين پڪڙ ۾ آڻيندي.

بقايا 23 ***

جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران عدالت چيو ته جوابدار تي اڪائونٽ ۾ پاهرئين ملڪ مان رقم اچڻ جو الزام آهي. درخواستگذار افغانستان جو شهري آهي. وڪيل ٻڌايو ته درخواستگذار افغانستان جو شهري هجڻ ثابت ناهي ٿيو. جوابدار پاڪستاني آهي، پاسپورٽ ۽ سجائپ ڪارڊ به ڳڻايو آهي جسٽس عائشا ملڪ چيو ته جوابدار جو سجائپ ڪارڊ بلاڪ ڪيو ويو آهي، ان تي وڪيل چيو ته ڪيس ۾ شامل ٻين ٻن جوابدارن جون ضمانتون ٽرائل ڪورٽ منظور ڪيون آهن. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته توهان فريش گرائونڊ تي ٽرائل ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪريو، جوابدار عدالتي آبزرويشنز تي درخواست واپس وٺي ڇڏي ۽ عدالت ضمانت جي درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي خارج ڪري ڇڏي. جوابدار خلاف گذريل سال جاسوسي جي الزام ۾ سي ٽي ڊي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو

بقايا 24 ***

جي نمائندگي ڪئي. جتي سڄي دنيا مان 300 عالمي واٽر ليڊر لنڊن ۾ گڏ ٿيا. اها سنڌس قيادت ۽ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن پاران اداري سڌارن جي سلسلي ۾ ڪيل اڳڀرائي جو هڪ اهم اعتراف آهي. سنڌس ڳالهه ٻولهه ۾ واٽر ڪارپوريشن ۾ جاري اداري سڌارن تي تفصيلي خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ ته واٽر ڪارپوريشن پنهنجي عمل کي ڪيئن جديد ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي عالمي پاڻي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ موثر گورننس جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو ۽ گلوبل واٽر انٽيليجنس طرفان ڏکڻ ايشيا مان اسٽيئرنگ ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو آهي جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ پهرين پيرو ٿيو جنهن عالمي سطح تي سنڌ حڪومت جي ڪوششن جراءت ۽ مڃتا ۽ داد ڏنو آهي. هن سال جي ڪانفرنس جو موضوع آهي سيڪيورٽي فارهڪ تبديل ٿيندڙ ڊرتي ۽ آبهوا جي تبديلي جي منهن ۾ پاڻي جي حفاظت جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ان موقعي تي سيد صلاح الدين احمد 2030 تائين پائيدار ترقي جي مقصدن (SDGs) تي عالمي ڪارڪردگي جي روڊ ميپ ۾ پڻ حصو ورتو ۽ ان جو جائزو ورتو، واضح رهي ته گلوبل واٽر سميٽ پيئر ٽو پيئر سکڻ جي لاءِ هڪ پليٽ فارم مهيا ڪري ٿي، يوٽيليٽيز جي وچ ۾ پڻ شاگرد، استادن جي رشتن ۽ پاڻي جي افاديت جي درپيش ڪيترن ئي مسئلن جو جديد حل سان گڏوگڏ سيڙپڪاري جا موقعا پڻ فراهم ڪري ٿو ۽ هن سال جي معروف يوٽيليٽيز واٽر ڪارپوريشن سان گڏ نان روينيو ريڊڪشن پلان، ڪسٽمر ريليشن شپ مينيجمينٽ، پاڻي جي معيار کي بهتر بڻائڻ، نئين ميڊيا سان واٽرفلٽريشن، سلج ٽريٽمينٽ ۽ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽس تي ٻيهر استعمال ڪرڻ منصوبن تي ڪم ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. واٽر ڪارپوريشن 2030 تائين ڪراچي جي 30 لک وڌيڪ ماڻهن کي پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ نيڪالي جي سهولتن تائين رسائي فراهم ڪرڻ لاءِ دنيا جي 300 اڳواڻن جي سربراهي ۾ پنهنجو واعدو پيش ڪيو جيڪا ان جي هڪ وڏي ڪاميابي هوندي. گلوبل واٽر انٽيليجنس گروپ سان واٽر ڪارپوريشن جو ويجهو لاڳاپو ان جي ڪاميابين جو اعتراف ۽ پاڻي جي استحڪام کي اڳتي وڌائڻ ۾ واٽر ڪارپوريشن جي قيادت جي ڪارڪردگي جو اعتراف آهي. اهو اعزاز ڪنهن به پاڪستاني افاديت لاءِ هڪ منفرد اعزاز آهي، جنهن جي اڳواڻي واري ڪردار کي پاڻي جي انتظام ۾ سيڪيورٽي تي عالمي برادري ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. سيد صلاح الدين احمد کي پاڻي جي ڪارڪردگي ۾ دنيا جي 300 عالمي اڳواڻن ۾ ڏکڻ ايشيا مان اسٽيئرنگ ڪميٽي جو ميمبر چونڊيو ويو آهي. ان موقعي تي هن سڀني ستن پيڙن ميمبرن سان گڏ سڄي دنيا جي سيني يوٽيليٽيز لاءِ SDGs 2030 روڊ ميپ جو پڻ جائزو ورتو. پاڻي جي عالمي ليڊر جي حيثيت ۾ سنڌس ڪردار پاڻي جي چئلينجز لاءِ عالمي سطح تي ڪم ڪرڻ جو عزم جو عالمي پارٽنرشپ لاءِ رستو هموار ڪندو ۽ ايندڙ وقت ۾ واٽر ڪارپوريشن لاءِ پرڏيهي سڌي سيڙپڪاري جا رستا کوليندو

بقايا 25 ***

رڪنيت ڏيڻ جو وقت اچي ويو آهي. 75 سالن کان ظلم سهندڙ فلسطين کي رڪنيت ڏيڻ سان کين حق ڏيڻ جي تصديق ٿيندي ۽ تاريخي انصاف هوندو هن چيو ته فلسطيني عوام جو حق آهي ته اهي 4 جون 1967 جي جاگرافيائي حدن موجب خود مختيار ۽ آزاد ملڪ ۾ رهن، جنهن جو تخت گاهه القدس شريف هجي.

بقايا 26 ***

آرون وٽ پيٽرول جون 2 بوتلون به هيون. حملي آرون وٽ سمورو سامان بيگ ۾ هو ميڊيا سان ڳالهائيندي اظفر مهيسر چيو ته جنهن وين کي نشانو بڻايو ويو، ان جي پويان ڪمپني آفيسر جي گاڏي هئي، آفيسر جي گاڏي جي پويان ڪمپني جي سڪيورٽي گارڊن جي گاڏي هئي، ڌماڪي بابت هن وڌيڪ ٻڌايو ته دهشتگردن وين تي فائرنگ ڪئي، سڪيورٽي گارڊز جي جوابي فائرنگ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو ٻي دهشتگرد وين پرسان اچي پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو آپگهاتي بمبار جي منڊي ۽ ڪجهه عضوا واقعي واري هنڌ تان هٿ آيا، فنگر پرنٽس ذريعي مارجي ويل دهشتگرد جي سڃاڻپ جي ڪوشش ڪئي پئي ويندي، پرڏيهي شهرين کي ڌمڪيون مليون هيون، سڪيورٽي خدشن سبب پوليس ۾ الرٽ هئي، سي پيڪ ۽ نان سي پيڪ لاءِ پلان تيار ڪيو ويو سڪيورٽي گارڊن حملي آرون تي فائرنگ ڪري حملي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو: سي ٽي ڊي انچارج سي ٽي ڊي انچارج راجا عمر خطاب ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پرڏيهي شهري ٽن گاڏين ۾ سوار هئا. آپگهاتي حملي آور واقعي واري هنڌ موجود هئا. سڪيورٽي گارڊ حملي آرون تي فائرنگ ڪري حملي کي ناڪام بڻائي ڇڏيو سي ٽي ڊي موجب گاڏي جي رفتار گهٽ ٿي ته اسپيڊ بريڪر وٽ حملو ڪيو ويو. گاڏي ۾ سوار سمورا پرڏيهي شهري محفوظ رهيا. دهشتگرد موٽرسائيڪل تي سوار ٿي آيا. واقعي واري هنڌ پهچي دهشتگرد موٽرسائيڪل تان لهي ويا، دهشتگردن گاڏي ويجهو پيادل اچي فائرنگ ڪري ڏني.

بقايا 27 ***

هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ صوبائي سيڪريٽري صنعت محمد ياسين شر بلوچ، ايم ڊي سائيٽ غضنفر علي قادري ۽ ٻين آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. سيڪريٽري صنعت محمد ياسين شير بلوچ ۽ ايم ڊي سائيٽ غضنفر علي قادري صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو کي جاري ترقياتي اسڪيمن بابت بريفنگ ڏني. اجلاس کي خطاب ڪندي جام اڪرام الله ڌاريجو آفيسرن کي چيو ته هو صوبي ۾ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين کي هٿي ڏيارڻ لاءِ صنعتڪارن ۽ واپاري برادري سان سٺا ورڪنگ لاڳاپا برقرار رکن. هن وڌيڪ چيو ته هو ذاتي طور تي صنعتي زونن جو دورو ڪندو ۽ درپيش مسئلن جو جائزو وٺندو. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته صنعتي زونن ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻايو وڃي، حدخلفين ختم ڪيون وڃن ۽ ملازمن کي برقت پگهارون ڏنيون وڃن ته پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ ۾ صنعتي انقلاب ڏسڻ چاهي ٿو صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو گهوسٽ ملازمن خلاف ڪارروائي ڪرڻ ۽ ملازمن جي حاضري يقيني بڻائڻ لاءِ بائيو ميٽرڪ سسٽم کي فعال ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته نون صنعتي زونن ۾ پلاٽن کي درخواست گذارن کي جلد کان جلد قبضو ڏنو وڃي ته جيئن هو صنعتون قائم ڪن ۽ صوبي مان بيروزگاري ختم ٿي وڃي.

بقايا 28 ***

9 اعليٰ فوجي آفيسرن سميت اجل جو شڪار ٿي ويو ڪينيا جي صدر وليم روٽو طرفان تصديق ڪئي وئي ته ملٽري هيلي ڪاپٽر ڪرڻ جي واقعي ۾ ڪينيا جو ملٽري چيف جنرل فرانسس اوگولا فوت ٿي ويو آهي. ڪينيا جي صدر ان حادثي تي ملڪ ۾ 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان به ڪيو آهي. ميڊيا رپورٽن موجب ملٽري هيلي ڪاپٽر اتر اولهه علائقي ۾ فوجين سان ملڻ وڃي رهيو هو ته ٻه فوجي ان حادثي ۾ بچي ويا، جن کي طبي امداد لاءِ اسپتال نيو ويو ڪينيا جو ملٽري هيلي ڪاپٽر اولهه پرڪوٽ ڪائونٽي مان اڏام ڀرڻ جي ڪجھ منٽن ڪانپوءِ تباهه ٿي ويو. ان ڪري پيش آيل واقعي جا سبب ڄاڻڻ لاءِ جاچ ٽيم جوڙي وئي آهي.

بقايا 29 ***

پنهنجي ٽن سالن پينو فقيرن خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ جي درخواست ڪئي. جنهن تي عدالت فيصلو ٻڌايو ته عدالت عورت جي درخواست رد ڪندي چيو ته پڻ وارو معاملو انتهائي تڪليف ڏيندڙ آهي، خبر ناهي ته ڪهڙي مجبوري آهي جو ماڻهو پاڻ تي مجبور ٿيندا آهن. عدالت جو چوڻ هو ته عدالت مجبور ماڻهن جي جذبن جو قدر ڪندي آهي پر عدالت کي قانون ۽ فيصلو نه ٿي ڪري سگهي. جنهن جي گهرغير قانوني هجي، عدالت پنهنجي فيصلي ۾ چيو ته مجبوري پنهنجي جاءِ تي پر پنڻ جي لاءِ ڪا جڳهه مختص نٿي ڪئي وڃي، عدالت دعا گو آهي ته ٻنهي ڌرين جون ڏکيون گهٽ ٿين. پوليس موجب درخواستگذار عورت سعود آباد ۾ ڦٽ پاٿ تي خيرات گهرندي هئي، ٽن ٻين پينو فقيرن عورت کان اها جاءِ ڇڏائڻ لاءِ پوليس وٽ درخواست داخل ڪرائي هئي پر پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو پوليس جي انڪار ڪانپوءِ درخواستگذار امير خاتون ٽن پينو فقيرن شفيع، نذير ۽ ميرگل خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي.

بقايا 30 ***

(پي ڊي ايم اي) برساتن سبب ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصان جي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي. جنهن ۾ صوبي ۾ 12 اپريل کان برساتن سبب ٿيندڙ حادثن ۾ جاني ۽ مالي نقصان جا تفصيل جاري ڪيا ويا آهن پي ڊي ايم اي ترجمان موجب خيبرپختونخواهه ۾ تازين برساتن سبب پيش ايندڙ حادثن ۾ 36 ڄڻا فوت ۽ 53 زخمي ٿي پيا. برساتن سبب 2 هزار 391 گهرن کي نقصان پهتو آهي. جنهن ۾ 388 گهر مڪمل ۽ 2 هزار گهرن کي جزوي نقصان پهتو آهي. پي ڊي ايم برسات متاثرن جي امداد لاءِ 11 ڪروڙ رپيا جاري ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته متاثر ضلعن جي انتظاميه کي امدادي سامان فراهم ڪيو ويو آهي.

بقايا 31 ***

ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال راولپنڊي ۾ هزارا ڪالوني واسي وحيد جي گهرواري 6 ٻارن کي جنم ڏنو ذريعن جو چوڻ آهي ته عورت 4 پٽن ۽ 2 ڌيئن کي جنم ڏنو. ڊاڪٽرن موجب سمورا ٻار ۽ سندن ماءُ مڪمل طور تندرست آهن.

بقايا 32 ***

پهتو آهي. جنهن ۾ 388 گهر مڪمل ۽ 2 هزار گهرن کي جزوي نقصان پهتو آهي. پي ڊي ايم برسات متاثرن جي امداد لاءِ 11 ڪروڙ رپيا جاري ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته متاثر ضلعن جي انتظاميه کي امدادي سامان فراهم ڪيو ويو آهي.

بقايا 33 ***

ميٽرڪ سسٽم کي فعال ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته نون صنعتي زونن ۾ پلاٽن کي درخواست گذارن کي جلد کان جلد قبضو ڏنو وڃي ته جيئن هو صنعتون قائم ڪن ۽ صوبي مان بيروزگاري ختم ٿي وڃي.

بقايا 34 ***

ڏنا ته جيڪڏهن ڪنهن ٽيڪسي بابت به شڪايت ڪئي ته توهان جو خير ناهي، جيڪڏهن هڪ به شڪايت آئي ته انهن جا لائسنس رد ڪنداسين. عدالت چيو ته اسان سمورا ڪيس پينڊنگ ۾ رکي رهيا آهيون. آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ ٻيهر هڙتال ٿيندي. هن سال حج ۾ وزارت جي ڪارڪردگي ڏسنداسين پوءِ انهن ڪيسن جو فيصلو ڪنداسين.

بقايا 35 ***

کي ناڪام بڻائي ڇڏيو سي ٽي ڊي موجب گاڏي جي رفتار گهٽ ٿي ته اسپيڊ بريڪر وٽ حملو ڪيو ويو. گاڏي ۾ سوار سمورا پرڏيهي شهري محفوظ رهيا. دهشتگرد موٽرسائيڪل تي سوار ٿي آيا. واقعي واري هنڌ پهچي دهشتگرد موٽرسائيڪل تان لهي ويا، دهشتگردن گاڏي ويجهو پيادل اچي فائرنگ ڪري ڏني.

بقايا 36 ***

جو حق آهي ته اهي 4 جون 1967 جي جاگرافيائي حدن موجب خود مختيار ۽ آزاد ملڪ ۾ رهن، جنهن جو تخت گاهه القدس شريف هجي.

بقايا 01

جهرڪ ۾ جيئي سنڌ محاذ طرفان ضلعي صدر امجد شورو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهن شديد نعريبازي ڪندي ٺٽو حيدرآباد قومي شاهراه تي ڌرڻو هڻي احتجاج ڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڪينجهر ڍنڍ سنڌ تاريخي ورثي سان گڏ تفريح گاهه سميت لکين انسانن جانين جي جياپي جو وسيلو آهي، هن ڍنڍ سان لڳ وسيع تر زميني ايراضي موجود آهي مختلف جبلن مان ڪرندڙ برساتي پاڻي جا لنگر به آهن. جانورن ۽ پکين جي سنچري به موجود آهي جنهن ايراضين تي ڪجهه ڌرين پاران غير قانوني قبضا ڪرائي ڪينجهر جي فطري حسن ۽ سونهن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي پئي وڃي ۽ سنڌ جي سياحتي ۽ قديمي ماڳن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪري سنڌي قوم کي جاڳي واڻي اشتعال ڏيارڻ پيو وڃي اڳواڻن چيو ته قبضا ڪندڙ ڌر کي واضح ٻڌايون ٿا ته اسان سنڌي سنڌ جي تاريخي ،سياحتي ۽ قديمي ورثن ۽ ماڳن تي ڪنهن به صورت ۾ قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين

بقايا 02

ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ جوابدارن لٺيون ۽ ڪهاڙيون هڻي عبدالسڄڻ سميجو کي جوابدارن مرٽينگ ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپورماٿيلو ۾ داخل ڪيو ويو آهي، هوڏانهن زخمي عبدالسڄڻ سميجو جو چوڻ آهي ته ڪارنهن جو ڪوڙو الزام هو جنهن جو فيصلو ٿي ريو هو ۽ ڏنڊ جي رقم به ڪٽي ويا هئا ان باوجود جوابدار ياسين سميجو، مرتضي سميجو، ظفرسميجو مون مٿان حملو ڪري لٺيون ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن ٻي پاسي واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو.

بقايا 03

گهر ڪٺي آيو ۽ چيائين ته هن آپگهات ڪيو آهي اهو چئي فرار ٿي ويو پيءُ تفصيل موجب ابراهيم حيدري ۾ مڙس عمران زال سعيد کي بدترين تشدد ڪري قتل ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ عورت جي پيءُ ٻڌايو ته جوابدار ٻي شادي ڪرڻ چاهي ٿو ڌيءُ کي منهنجي گهر ڪٺي آيو ۽ چيائين ته هن آپگهات ڪيو آهي اهو چئي فرار ٿي ويو هن ٻڌايو ته منهنجي ڌيءُ جو مٿو ڦاٽل ۽ ٽنگون ٽٽل اهن منهنجي ڌيءُ کي هڪ ڌيءُ پيدا ٿي هئي جيڪا فوت ٿي وئي هئي جوابدار کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي ته ڏانهن پوليس فوتي عورت جو لاش جناح اسپتال منتقل ڪرائي واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن واقعي تي علائقي ۾ خوف ڇانيل آهي

بقايا 04

گذريل ڪجهه هفتن کان جاري، پوليس پاران منشيات مان ڀريل هڪ ٽرڪ تي ڇاپو ٽرڪ مان لکين روپين جي منشيات هٿ ڪري ورتي جنهن ۾ 1100 ڪلو گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ متيريل ۽ 500 پيڪٽ ماوي جا هٿ ڪري هڪ جوابدار محمد قيوم ولد گل مير پٺاڻ کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ ٽرڪ جنهن جو نمبر 3400: Pڊايو پيو وڃي تحويل ۾ وٺي ميرپور ساڪرو ٿاڻي تي گٽڪا منشيات ايڪٽ تحت جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ٻئي پاسي هڪ ٻي ڪارروائي دوران 4 منشيات فروش محمد حنيف جت، گل بهار خشڪ، محمد وحيد قريشي، مختيار بلوچ کي گرفتار ڪري 250 ڪلو گٽڪا متيريل ۽ گٽڪا ماوا جا 850 پيڪٽ هڪ موٽرسائيڪل سميت آلٽو ۽ ڪيا اسپورٽيج ڪار هٿ ڪري نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا 05

کي وڪرو ڪري رهيو آهي، اسان روزانو پنڌ ڪري ٿڪجي پيا آهيون، باردانو نه ٿو ڏنو وڃي، مظاهرين، تفصيل موجب گذريل ڏينهن سلطانپور ۾ آبادگارن محمد جادل منگي، رسول بخش انڙ، شير محمد انڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ آبادگارن ڏانهيو ته سلطانپور فوڊ سينٽر تي مقرر ڪيل فوڊ انسپيڪٽر قربان ڪلوڙ سياسي اثر رسوخ هجڻ ڪري سرڪاري باردانو هٽان جي بااثر واپارين کي وڪرو ڪري رهيو آهي، غريب آبادگارن کي ستون فارم آئي ڏيو جي بنياد تي صرف چڪر ڪاٽرائي رهيا آهن، پر باردانو نه پيو ڏنو وڃي، باهر واپاري آبادگارن کان ڪڻڪ 3400 کان 3500 روپيا في مڻ وٺي رهيا آهن. هنن ڏانهيو ته اسان کي پاڻ گهري رقمن تي ڏنو ويو پر جڏهن اسان جو فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ آيو آهي ته من مستيون کيون پيون وڃن ۽ ڪڻڪ گهٽ رقم تي ورتي پئي وڃي جنهن سان خرچ ئي نه ٿو لهي، هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته بناڊير جي سلطانپور فوڊ سينٽر انچارج خلاف ڪارروائي ڪري غريب آبادگارن کي باردانو مهيا ڪيو وڃي ته جيئن بي چيني ختم ٿي سگهي

بقايا 06

اسان جي بجلي بلاجواز بند ڪئي وئي بجلي چالو ڪئي وڃي، اشرف خان، عدنان حسن، مسعود، ناصر داڻود پٽي، محبوب جوکيو صمد گل، اڪبرخانيو اورنگزيب، ۽ ٻين پاران احتجاج ڪيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ته اسان جو جائز مسئلو حل نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 07

جي ڳوٺ باغبان شهيد مخدوم بلاول جي نگري ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سينٽرل ڪاميٽي جي عهديدارن جام ارمان تاجاڻي پليجو جام عبدالوهاب ڪيهر، جام خادم حيسن خاصخيلي، جام فرحان ملڪ، جام ارباب علي، جام غلام مجتبيٰ ڏاريجو ملڪ ارباب علي، علي مدد بگهيو، عبدالرحيم ملڪ، غلام اصغر ڏهر، محمد اسماعيل پنهور، اصغر پيرزادو، مينهون خان ملڪ، جام اسد علي پلي پوتو ۽ ٻين سمات اڳواڻن شرڪت ڪئي هن مرڪزي اجلاس ۾ اڳواڻن ڳالهائيندي چيو ته اسان کي پنهجي سمات برادري جي تعليم، صحت ۽ سماجي ڀلائي جي شعبن ۾ وڌ کان وڌ ڪم ڪرڻو آهي ان لاءِ اسانکي پنهجي سمات نوجوانن جو وڌ ۾ وڌ سهڪار گهرجي چوڻ ته اسين پنهجي عوام جي مدد کان سواءِ ڪجهه به نه آهيون هن اهم اجلاس ۾ اهو طئي ڪيو ويو ته ميمبر سازي جي مهم تيز ڪري ۽ ضلع سطح تي باڊيون جوڙي ويندي ۽ سماجي ڪم جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا 08

منشيات هٿ ڪيس داخل تفصيل موجب ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس ڊپارٽمينٽ سنڌ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس، ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز نارڪوٽيڪس سنڌ جي خاص هدايتن تي سنڌ کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ واري عزم تحت اي پي ايس روهڙي سرڪل جي ٽيم ايڪسائيز انسپيڪٽر قمرالدين سيال جي نگراني ۾ روهڙي ويجهو بيڙي چوڪ تي گشت دوران هڪ منشيات فروش شبير محمد عرف شيرو ولد شفيع بنڌاڻي کي گرفتار ڪري ان جي قبضي مان پنج سئو گرام هيروئن پوڊر هٿ ڪري نارڪوٽيڪس ڪنٽرول ايڪٽ 1997 تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا 09

ترسي پيو. ايف بي آر جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رحمت الله خان جي مبينا اغوا ٿيڻ جا پڻ اطلاع، ڪسٽم آفيسر جي بازيابي لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي، ذريعا تفصيل موجب گهوٽڪي ضلعي اندر امن امان جو معاملو گنڀير بڻجي ويو ان سلسلي ۾ سنڌ جو گهرو وزير ضياء لنجار ڪالهه کان گهوٽڪي لٿل آهي، صوبائي وزير جي گذريل رات 2 وڳي ايس ايس پي گهوٽڪي سان سندس آفيس ۾ گڏجاڻي ٿي گذري، جنهن ۾ ڊي آءِ جي سکر ۽ لاڙڪاڻو به موجود هئا، ٻي پاسي صوبائي گهرو وزير ضياء لنجار پاران اڳواڻي صوبائي وزير عبدالباري خان پتافي وٽ ترسي پيو آهي، جڏهن ته اڄ اهم گڏجاڻي طلب ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ صحافين کي گڏجاڻي کان پري رکيو ويو آهي هوڏانهن ايف بي آر جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رحمت الله خان جي مبينا اغوا جو نوٽيس ورتو ويو جڏهن ته ايف بي آر جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رحمت الله خان جي مبينا اغوا ٿيڻ جا پڻ اطلاع مليا آهن. جنهن سبب پوليس ۾ ٿرٿلو مچيل آهي، هوڏانهن ذريعن موجب ڪسٽم آفيسر جي بازيابي لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي، ۽ صحافين کان لڪائي ايس ايس پي گهوٽڪي سان ٻيهر ميٽنگ ٿيندي.

بقايا 10

عملو بروقت نه پهچڻ سبب لکين روپين جا ٽوٽا سڙي رک ٿي ويا، آبادگارن جا مٿي تي هٿ. واهر جي اپيل رپورٽ موجب ٻهرلو پرسان ڳوٺ مولا بخش مستوئي ۾ شرپسند عناصرن آبادگارن خالد مستوئي ۽ سرفراز مستوئي جي باردانٽي کي باهه ڏئي ساڙي فرار ٿي ويا، متاثر آبادگارن ٻڌايو ته ڳوٺ ۾ پيل ڪچين جي باردانٽي کي باهه لڳڻ بعد فائر برگيڊ عملي کي بروقت اطلاع ڪيو ويو ليڪن فائر برگيڊ عملو وقت تي نه پهتو جنهن جي نتيجي ۾ لڳ ڀڳ 25 لکين روپين جي ٽوٽن سان گڏ پرسان ڪڻڪ جو فصل پڻ متاثر ٿيو آهي، متاثر آبادگارن خالد ۽ سرفراز مستوئي ٻڌايو ته فائر برگيڊ عملو وقت تي پهچي وڃي ها ته گهٽ نقصان ٿي پيو سگهي، انهن اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته شرپسند عناصرن کي واڪو ڪري انهن کي قانون موجب سزا ڏئي نقصان جو ازالو ڪيو وڃي

بقايا 11

رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO)جي مرڪزي ڪمپليڪس جو دورو ڪيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر (اي سي) سکر سميت ٻيا آفيسر به ساڻس گڏ هئا. سرسو جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (سي اي او)، محمد ڏتل ڪلهوڙو وفد کي ڀليڪار ڪيو ۽ تنظيم جي جاري منصوبين خاص طور تي حڪومت پاڪستان، سنڌ جي صوبائي حڪومت ۽ ٻين ڊونرز پاران فنڊنگ ڪيل منصوبن بابت بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سرسو ڪمپليڪس جي سمورن حصن جو تفصيلي دورو ڪيو سرسو ٽيم جي اسٽاف ميمبرن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ مختلف شعبن بابت معلومات حاصل ڪئي ۽ سنڌن ڪمن کي ساراهيو ڊپٽي ڪمشنر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ غربت جي خاتمي بابت کنيل قدمن ۽ ڳوٺاڻين عورتن جي ڪميونٽي کي بااختيار بڻائڻ جي ڪوشش جي واکاڻ ڪندي سنڌ ۾ سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ لاءِ اهڙن قدمن جي اهميت جي واکاڻ ڪئي

بقايا 12

سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ٽي ڏينهن اڳ راجا اوڊانو ساٿين سان گڏ منهنجي گهر ۾ داخل ٿي گهر ۾ موجود گهر ڀاتين کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ منهنجي نوجوان ڌيءَ ناديا کي اغوا ڪرڻ سان گڏ گهر ۾ رکيل سامان ۽ روڪ رقم ڦرڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ملوث ماڻهو موتمار ڌمڪيون پيا ڏين. هن ايس ايس پي سکر ۽ اختيارن کان ڌيءَ کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 13

پيتا پيش . صوفي فنڪار مانجهي فقير ۽ رباني فقير ۽ ادبين شاعرن سان گڏ سنڌس آخري آرام گاهه تي ڪلام ڳائي سوين ماڻهن پاران گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي ، ورسي جي تقريب چانديا هائوس سڪرنڊ ۾ ٿي گذري ، ڪيس ڌرتيءَ سان محبت ۽ سماجي ڪمن عيوض لفظن جي پيتا پيش ڪئي وئي . ان موقعي تي سڪرنڊ پريس جي اڳوڻي صدر ۽ اديب ڪهاڻيڪار محمد صديق منگيو چيو ته ڏٺي بخش چانديو سنڌ جو سچو ۽ کرو سانجاهه وند ماڻهون ۽ سنڌس ڪردار اڄ به زنده آهي ، صوفي مانجهي فقير چيو ته اسان جي سنڌ ڌرتيءَ تي دهشت گردي ۽ انتهاپسندي وڌي وئي آهي ، اديب شاعر جهانگير ڏاهري چيو ته حاجي ڏٺي بخش جو ڪردار مٺي ميوي جيان هو، حاجي علي نواز چانديو چيو ته بابا سائين فقير صفت انسان هو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪو به انسان ايندو هو ته ان جي مدد ڪندو هو شفيق انسان هو ، رضا چانديو چيو ته بابا هميشا انسانيت سان محبت ڪئي ڏکوئل ماڻهن جو پرجهلو ٿيو ان موقعي تي شاهنواز چانديو ، الهورايو چانديو ، سيد احسان علي شاهه ، عطا محمد چانديو ، سماجي اڳواڻ خيرمحمد چنا ۽ ٻين ورسي جي تقريب کي خطاب ڪيو ۽ صوفي فنڪارن مانجهي فقير ۽ فقير رباني فقير ڪلام ڳائي ڪيس پيتا پيش ڪئي ۽ آخر ۾ خيرات پڻ ڪئي وئي ، ورسي جي تقريب ۾ علائقي جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا 14

۾ شهرين شرڪت ڪئي، رپورٽ موجب رتوديرو نادرا آفيس جي شهر کان ٻاهر امڪاني منتقلي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سڏ تي ڪامريڊ اختر بليدي ۽ صدر ايراني جي اڳواڻي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهر جي سياسي سماجي سوشل ورڪرز ليک اديبن ۽ شهر جي سيول سوسائٽي سنڌي ادبي سنگت جي پروفيسر ملهارسنڌي، نشاط ٿهيم علي، سوشل ورڪر مير مولابخش بروهي، ولي محمد بلوچ، اويس وڏيو سميت وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي، ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي رتوديرو نيشنل پريس ڪلب پهتي جتي نامنظور نامنظور نادرا آفيس جي منتقلي نامنظور جي نعريبازي ڪئي وئي، انهي موقعي تي مٿين اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ سازش تحت نادرا رتوديرو جي آفيس شهر کان ٻاهر بوسڻ روڊ تي منتقل ڪئي پئي وڃي جنهن سبب شهري سخت مشڪلاتن جو شڪار ٿيندا اسين اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا اسان نادرا جي ڊي جي کان مطالبو ٿا ڪريون ته نادرا آفيس جي منتقلي وارو فيصلو واپس ورتو وڃي، نادرا شهر جي پبلڪ پارڪ ۾ آهي جتي شفٽ ڪرڻ جون افواهون هلن پيون اهو علائقو نوگو ايريا بڻيل آهي اتي شهري محفوظ نه رهي سگهندا، هنن حڪومت ۽ ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کان به مطالبو ڪيو ته ان معاملي جو سختي سان نوٽيس وٺي عوام کي مشڪلاتن کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 15

جو نوٽيس وٺن اسٽريٽ لائيٽن جي خريداري ۾ مبينه 8 لک 20 هزار رپين جي ڪرپشن ڪئي وئي، گذريل مهيني واٽر سپلاءِ جا 22 لک رپين کان وڌيڪ جا بل ڄاڻايا ويا. واٽر سپلائي تي سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ لڳائي عوام جي پئسن کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي. سانگهڙ ميونسپل ڪاميٽيءَ عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو عوام جمهوري عمل کي مستحڪم بنائڻ لاءِ 6 ڪائونسلرن کي چونڊي ووٽ ڏياري 70 سالن کانپوءِ سانگهڙ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو ۾ 10 مهينن جي عرصي ۾ ميونسپل انتظاميه جا پول پڌرا ٿي ويا ۽ ڪارڪردگي ٻڙي نظر آئي، پهريون سوجهرو به ڇٽ ٿي ويو عوام مايوسي جو شڪار ٿي ويئي. عوامي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ بدران انتظاميه پنهنجا کيسا ڀريو ۽ ڪرپشن ڪريو جي پاليسي تي عمل پيرا ٿي ويئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيئرمين جي نگراني ۾ سرڪاري ۽ پرائيويٽ عملي سان گڏ جوڙ ڪري اسٽريٽ لائيٽس جي خريداري ۾ سستي اگهه تي خريداري ڪري خردبرد جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ميونسپل چيئرمين راشد اسلام مغل هڪ ٺي ماڊل جي ٽي نمبر لائيٽس سانگهڙ ميرپور روڊتان خريد ڪري في لائيٽ مبينه 16 هزار رپيا ڄاڻائي آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته راشد اسلام مغل ساڳي ڪمپني جو لائٽون حيدرآباد مان 7 هزار 8 سو ۾ خريد ڪري 16 هزار جو بل ڄاڻايو آهي، اهڙي طرح 100 لائيٽس ۾ 8 لک 20 هزار جي ڪرپشن ڪئي ويئي آهي،اهڙي طرح هڪ مهينو اڳ واٽر سپلاءِ جي مرمت لاءِ 22 لک کان وڌيڪ رقم جا بل تيار ڪيا ويا آهن.سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ شير شاهه مان خريد ڪري نون انجڻن جي خريداري ڄاڻائي وئي آهي ۽ پنهنجي من پسند ميڊيا ذريعي پاڻ کي مشهور ڪري پنهنجي ڪرپشن لڪائڻ لاءِ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهيو آهي، سنڌ حڪومت پاران واٽر سپلائي لاءِ هر ماهه 7 لک 73 هزار اسپيشل فنڊ طور جاري ڪيا وڃن ٿا انهن فنڊن کي ٻنهي هٿن سان هڙپ ڪيو پيو وڃي، واهن جي ٻندش دوران اهڙا ڪي به مثبت قدم نه کنيا ويا جيئن عوام پاڻي جو ڍڪ پي سگهي عوام پاڻي ڍڪ لاءِ پريشان رهي. متڙانو ڪئنال مان پائيپ واري منصوبي ذريعي پاڻي نه پهچي سگهيو ان منصوبي تي هڪ ارب رپيا خرچ ڪيا ويا هئا پر ڪرپشن ذريعي ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻ بدران ان کي ناڪام ڪيو پيو وڃي، ميونسپل چيئرمين راشد اسلام مغل کان موقف وٺڻ لاءِ رابطو ڪيو ويو پر هن ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ميونسپل انتظاميه کان ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته سرڪاري خرچن جو حساب ڪتاب عوام جي سامهون رکيو وڃي ته جيئن شفافيت قائم ٿي سگهي پر هن جي ڪنن تي جون به نه سري. عوامي مطالبي ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نئين چونڊيل ايم اين اي شازيه عطا مري ۽ پيپلز پارٽي جي صوبائي ٽڪيٽ هولڊر نويد ڏيرو کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته بلديه سانگهڙ جي ڪرپشن جو نوٽيس وٺي بلديه تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن صفائي سترائي ۽ پاڻي جهڙا مسئلا حل ڪري سگهجن. ٻي صورت ۾ ايندڙ اليڪشن ۾ عوامي رد عمل پيپلز پارٽي خلاف ٿي سگهي ٿو

بقايا 16

صحافين ٻچل ڳوٺ ٺڏي تي پهچي ساڻس تعزيت ڪئي تفصيل موجب مليرجي علائقي ٻچل ڳوٺ ۾ سنڌ جي نالي واري اديب ليکڪ شاهه لطيف جي پارکو انب گوپانگ جي وڏي گهر واري دريا خان ۽ لطيف گوپانگ جي ماءُ جي وفات تي ملير سميت ڪراچي جي مختلف علائقن مان سياسي سماجي اڳواڻن سيد خدا ڏنو شاهه،سماجي اڳواڻ عثمان پنهور قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڪاشف خاصخيلي،عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ستار گوپانگ،جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ علي مستوئي،علي محمد ميمڻ،عوامي پريس ڪلب مليرجي صدر سامي ميمڻ ڊاڪٽر اصغر ميمڻ سميت ٻين ٻچل ڳوٺ ملير پهچي انب گوپانگ درياخان،لطيف،دلدار گوپانگ سان تعزيت ڪئي.

بقايا 17

3500 روپيه في مڻ خريد ڪئي وڃي ٿي ۽ اهو به وڏن زميندارن کان باقي جيڪي ننڍا آبادگار آهن يا وري جيڪي مڻ اڌ وڪرو ڪرڻ وارا آهن انهن کان گهٽ ريٽ تي خريد ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته وري ڪڻڪ جو اٽو 5000 روپيه في مڻ کان به وڌيڪ ريٽ تي وڪرو ٿي رهيو آهي اٽو مهانگو هجڻ سبب عام ڏهاڙي دار ۽ پورهيت طبقي جا ٻئي هٿ مٽي تي آهن ۽ ويلا پيٽ ڀري کائڻ لاءِ به پريشان آهن جڏهن ته انتظاميه پاران واپارين کي ڪا به روڪ ٽوڪ نه آهي ۽ هر واپاري پنهنجي مرضي سان خريد و فروخت ڪري ٿو واپارين جي هٿ ڌرمي سبب نه فقط هتان جو پورهيت طبقو پوڙهي رهيو آهي پر ننڍن ننڍن آبادگارن ۽ هارين کي پڻ نقصان رسي رهيو آهي ماتلي جي پورهيت طبقي پاران وس وارن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته ماتلي ۾ وڌيڪ ريٽ تي اٽو وڪرو ڪندڙ واپارين خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪري غريب طبقي کي پيٽ ڀري کائڻ جو حق ڏنو وڃي

بقايا 18

۽ خالي پيل جڳهن تي سرعام آئيس واپرائڻ لڳو جنهن سبب معصوم ٻار اسڪولي شاگرد به آئيس جا موالي بڻجي ويا شهرين طرفان بار بار احتجاج ڪرڻ باوجود انتظاميه سجاڳ نه ٿي سگهي وڏي تعداد ۾ نوجوان جي زندگي داءُ تي لڳل والدين ۽ شهرين سخت پريشان آئيس جا موالي سرعام چوريون ۽ دڪاندارن کان زبردستي ڀتو وٺڻ لڳا نه ڏيڻ جي صورت ۾ انهن سان منهن ماري جا واقعا روز جو معمول بڻيل پوليس انتظاميه طرفان غير ذميواري جو مظاهرو واره سوشل فورم طرفان رياض ڪلهوڙو دريا خان ميرجت، اسلم لاشاري، ۽ مير مصطفي تنيوجي اڳواڻي ۾ هڪ دفعو ٻيهر احتجاجي سلسلو جاري احتجاجي ريلي ڪڍي تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وارهه ۾ منشيات جي سرعام وڪري سبب نوجوان نسل جي زندگي داءُ تي لڳل آهي هنن ايس ايس قمبر ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کا مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي وارهه ۽ آس پاس ۾ منشيات جو وڪرو بند ڪرائي نوجوان نسل جون زندگيون بچايون وڃن ٻئي صورت ۾ پرامن احتجاج جاري رهندو

بقايا 19

سنڌس ذات جي ماڻهن حاجن ملاح، معشوق ۽ محمد علي ملاح حملو ڪري لٺيون هڻي غلام حيدر ملاح جي ٻانهن جي هڏي ٽوڙي ڇڏي، جڏهن ته لٺيون لڳڻ ڪري غلام حيدر ملاح سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊو باگو پهچايو ويو جتان ڪيس سول اسپتال حيدر آباد ريفر ڪيو آهي. جڏهن ته ٽنڊو باگو ٿاڻي تي غلام حيدر ملاح جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 20

جا رهواسي به سڪيورٽي گارڊ گوليون لڳڻ سبب شديد زخمي ٿي پيا هئا جنهن مان صابر مري زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ۽ ننگر خان شديد زخمي،آهي جيڪو ڪراچي جي اسپتال ۾ زير اعلاج آهي شهيد ٿي ويل سڪيورٽي گارڊ جي فوت ٿيڻ تي ڳوٺ ۾ سوڳ واري صورتحال آهي وارث لاش کڻائڻ لاءِ ڪراچي روانا

بقايا 21

سمون ڏيجي فوت ٿي ويو. فوتي ملازم آر او پلانٽ تي پرائيويٽ ملازم هو..فوتي ملازم کي ٻن ٻارن جو اولاد هو هوڏانهن کپرو اچڙو ٿر ۾ لڳل آر او پلانٽ جون ديوارون زبون هجڻ بابت بار بار اعلااختيارين کي شڪايتون ڪرڻ باوجود مرمتي ڪم نه ڪرايو ويو جنهن سبب حادثو ٿيو آهي. ڳوناڻا

بقايا 22

ساڪرو جي ڪاتيدارن جي حقن جي رڪارڊ جي بحالي ۽ ٻيا عوامي مسئلا ٻڌي درخواستون وصول ڪيون ۽ موقعي تي ئي لاڳاپيل آفيسرن کي حڪم جاري ڪيا. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته جن ڪاتيدارن جا حقن جي رڪارڊ جي بحالي لاءِ ڪليم اڳ ۾ ئي جمع ۽ رپورٽون مڪمل آهن انهن جا جوڊيشل آرڊر 15 ڏينهن اندر جاري ڪيا ويندا ۽ جن پنهنجا ڪليم هاڻي جمع ڪيا آهن انهن جا به هڪ مهيني اندر جوڊيشنل آرڊر جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر جو چوڻ هو ته جن زميندارن پنهنجي زمينن جا دستاويز پيش نه ڪيا آهن اهي جلد کان جلد اسسٽنٽ ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪليم داخل ڪن ته جيئن سنڌن حقن جي رڪارڊ جي بحالي جو ڪم شروع ڪري سگهجي. کليل ڪچهري ۾ شريڪ ماڻهن پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج، بجلي، صحت، تعليم، روڊن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي عدم دستيابي بابت مختلف شڪايتون ۽ مسئلا پيش ڪيا جنهن تي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي تي ئي مسئلا حل ڪرڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا.

بقايا 23

جي اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪرولا ڪار ۽ 02 موبائيل فون پڻ هٿ ڦرجي ڪيس ۾ روپوش سميت 04 منشيات فروش گرفتار. وڏي مقدار ۾ شراب هٿ. سانگهڙ: تفصيل موجب ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي هدايتن تي ڌوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف ڪامياب ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. ايس ايڇ او کپرو رحم حسين واسائو پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ چرس جي ڊيلر زاهد حسين جلالاڻي کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان 01 ڪلو 125 گرام چرس هٿ ڪري ورتي، جڏهن ته منشيات جي اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪرولا ڪار ۽ ٻه موبائيل فون هٿ ڪيا ويا. ايس ايڇ او شهدادپور نياز حسين ڪلهوڙو ڪاروائي ڪري منشيات فروش عرفان علي ڏيٽو کي گرفتار ڪري 30 ليٽر شراب هٿ ڪري ورتو ٽنڊوآدم جي ايس ايڇ او غلام شبير دلواڻي ڪاروائي ڪري ٻن منشيات فروش فرمان علي راجپوت ۽ نور حسن راجپوت کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 20 ليٽر شراب هٿ ڪري ورتو گرفتار ٿيل منشيات فروشن خلاف منشيات ايڪٽ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. ايس ايڇ او شهدادپور هڪ ٻئي ڪاروائي ۾ ڦر ۽ پوليس مقابلي ۾ روپوش جوابدار عبداللطيف باگراڻي کي به گرفتار ڪري ورتو آهي.

بقايا 24

۾ غيرقانوني ذبح خانا هلندڙ آهن. پاڪ ڪالوني ۾ قائم ذبح خاني مان بيمار جانورن کي غيرقانوني ذبح ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي شهر ۾ گوشت جي کوٽ، ڪاسائين پنهنجا اگهه مقرر ڪري ڇڏيا، شهري ۽ سماجي حلقن ۾ ڳڻتي جو اظهار. اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکر ميونسپل انتظاميا لائيو اسٽاڪ کاتي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي مبينه لاپرواهي ۽ رشوت سبب سکر جي ريس ڪورس روڊ پاڪ ڪالوني،شڪارپور ڦاٽڪ، سميت مختلف علائقن ۾ بااثر سياسي بااثر ڪاسائين پاران بيمار ۽ چوري جي جانورن کي غيرقانوني ذبح ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي ان ڏس ۾ ذريعن موجب ڊڪ روڊ، سبزي منڊي شڪارپور روڊ ۽ ٻين علائقن ۾ پوليس ۽ لاڳاپيل کاتن جي اهلڪارن جي سهڪار سان غيرقانوني ذبح خانا قائم ڪيا ويا آهن. جتي سنڌ جي مختلف شهرن مان بيمار، ڪمزور ۽ چوري ٿيل جانورن کي صبح جو اونداهي ۾ ذبح ڪيو وڃي ٿو سرڪاري اجازت يا ڊاڪٽرن جي تصديق ڪانسواءِ رات جو عوام کي غيرصحتمند گوشت فراهم ڪيو ويندو آهي. ان حوالي سان ذريعن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته غيرقانوني ذبح خانن جي ڀاڙن ۾ رهندڙ شهري گندگي ۽ بدبوءِ سبب مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن ۽ اتان گذرڻ وارا ماڻهو ۽ ٽريفڪ کي به سخت ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جڏهن ته شڪارپور روڊ سبزي پرسان ڊبل روڊ تي سري عام ذبح ٿيل جانورن تي ڪوڙي سرڪاري مهرون لڳائي مختلف علائقن کان ايندڙ خريدارن کي گوشت وڪرو ڪيو پيو وڃي سکر جي گوليمار روڊ ۽ شڪارپور ڦاٽڪ پرسان روڊن تي ننڍا ۽ وڏا جانور ذبح ڪيا پيا وڃن جنهن سان روڊ تي جانورن جو رت ڦهلجڻ ڪري اتان گذرندڙ ماڻهن جا ڪپڙا پڻ خراب ٿيڻ معمول بڻجي ويو آهي پر بااثر ڪاسائين خلاف ڪوبه ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي ڪاسائين جي سرپرستي ڪندڙ ڪاسائي ليڊر جي ميونسپل ڪارپوريشن، لائيو اسٽاڪ کاتي سميت پوليس سان ويجهڙائپ هجڻ ڪارڻ ڪاسائي کلي عام انساني صحت سان کيڏڻ لڳا آهن ۽ سال اڳ چيڪنگ واري سلسلي سبب غيرقانوني ذبح خانن غير تصديق ٿيل گوشت جي وڪري تي ڪاروائي ٿيندي هئي پر ڪجهه سالن کان مڪ مڪا واري پاليسي سبب عام ماڻهون مهانگي اگهه تي غير معياري گوشت خريدڻ تي مجبور آهي سکر واسين معياري گوشت جي وڪري کي يقيني بنائڻ سميت غير معياري گوشت جي وڪري جي سرپرستي ۾ ملوث سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري غير قانوني ذبح خانن کي بند ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا 25

ڪلب تائين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نڪتا اس ۾ 2 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو تفصيل موجب، ڪي اين شاهه ۾ ايس ٽي پي پاران آبادگارن کي باردانو نه ملڻ خلاف علمدار چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب تائين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نڪتا اس ۾ 2 ڪلاڪ ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو اڳواڻن فقير علي حسن جانوري ، ڪامريڊ عزيز جمالي ، تنوير زنگيجو ، اسماعيل چانديو، سراج ڪوسو وقار بگهيو ، سراج سولنگي، مدثر وگهيو ، اڪبر ملاح ، شهزاد ڪنير، احمد خان ڪوسو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪڻڪ جي فصل جو لابارو ٿي چڪو آهي پر ضلع انتظاميه آبادگارن کي باردانو نه ٿو ڏنو وڃي، آبادگار ڪيترائي ڀيرا سرڪاري سينٽرن تي چڪر هڻي ٿڪجي پيا آهن پر فوڊ انسپيڪٽر واپارين سان ملي ڀڳت ڪري رشوت عيوض ڪڻڪ خريد ڪري ٽارگيٽ پورو ڪري رهيا آهن. جنهن سان آبادگارن جو استحصال ٿي رهيو آهي، هنن چتاءُ ڏنو ته آبادگارن کي باردانو نه ملڻ جي صورت ۾ احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويندو.

بقايا 26

ڇڏيو آهي تفصيل موجب بدين جي رهاڪشي نائين ڪلاس جي شاگرد شعبان پٽي پنهنجي ماءُ ۽ چاچي ذوالفقار پٽي سان گڏجي نيشنل پريس ڪلب بدين ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته آئون غريب آباد ۾ ميڊيڪل اسٽور تي ڪم ڪندو هئس ڪجهه ڏينهن پهرين آئون اسٽور تان واپس پنهنجي گهر وڃي رهيو هئس ته پ پ پ بدين سٽي جو صدر ۽ يونين ڪائونسل حاجي قاس آبڙو جو چيئرمين غلام رسول سومرو ۽ سنڌس ڊرائيور هوشو قاضي مون کي زبردستي گاڏي ۾ وجهي مهراڻ چوڪ لڳ هڪ جاءِ تي کڻي ويا جتي هنن مون سان زبردستي بد فعلي ڪري منهنجي وڊيو ٺاهي مون کي ڪيترن ڏينهن کان بليڪ ميل ڪري رهيا آهن شعبان جي والده ٻڌايو ته منهنجو پٽ ڪافي ڏينهن کان گهر سر خاموش رهڻ لڳو ان تي آئون مسلسل شعبان کان پڇندي رهيس هن جو اهڙي خاموشي اختيار ڪئي آهي ۽ اسٽور تي به نٿو وڃي ۽ گهر کان ٻاهر وڃڻ به بند ڪري ڇڏيو آهي هن ڪو به جواب نه ڏنو ۽ ڪجهه ڏينهن پهرين شعبان پٽي خودڪشي ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ته اسان هن کان پڇا ڪئي ته آخر ڇا مسئلو آهي جنهن تي شعبان سنڌس سان ٿيل زيادتي بابت تفصيل ٻڌايو ۽ اهو به ٻڌايو ته غلام رسول سومرو ۽ سنڌس ڊرائيور هوشو زبردستي زنا دوران هن جي وڊيو رڪارڊنگ پڻ ڪئي آهي شعبان پٽي جي والده پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سيشن جج بدين ۽ ايس ايس پي بدين کي انصاف جي اپيل ڪندي چيو ته جوابدار گرفتار ڪري انهن کي سزا ڏني وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف ايس ايس پي بدين جي هدايت تي شعبان پٽي جي چاچي ذوالفقار پٽي جي فرياد تي بدين ٿاڻي تي پ پ پ صدر ۽ يوسي چيئرمين غلام رسول سومرو ۽ سنڌس ڊرائيور هوشو قاضي تي قلم 337/34 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 27

ڪم جي شروعات واري تاريخ بابت ڄاڻ ورتي.ڊي سي سکر جاري ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي ، جڏهن ته ڊي سي سکر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي نئون پنڊ ڊرينيج ڊسپوزل جو دورو پڻ ڪيو

بقايا 28

پوليس تحقيقات شروع ڪري ڇڏي،ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي پوليس مان انصاف جي اميد آهي ڪاشف تفصيل موجب مليرسٽي ٿاڻي جي علائقي برهاني ٽائون کوکراپار جي گهر نمبر L1/67جي پاڻي جي ٽينڪي مان ٽن ٻارن جي ماءُ 38 ورهين جي اسما ڪاشف جي قتل جو ڪيس بجرم دفعه 302/34سنڌس مڙس ڪاشف ولد محمد حسن جي مدعيت ۾ مليرسٽي ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي،جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته منهنجي گهرواري 38 ورهين جي اسما ڪاشف جنهن کي ٽن ٻارن جو اولاد آهي جنهن کي ڪالهه صبح نامعلوم جوابدارن تشدد جو نشانو بڻائي سنڌس هٿ پير ٻڌي ۽ منهن تي پٽي ٻڌي هٿن جون نسون ڪاٽڻ بعد سنڌس لاش کي گهر اندر موجود پاڻي جي ٽينڪ ۾ اڇلي ڇڏيو جنهن کي اسان ڪافي ڳولا بعد پاڻي جي ٽينڪ مان ڪڍيو آهي ،هڪ سوال جي جواب ۾ هن ٻڌايو ته اسان گذريل ساڍن ٽن سالن کان هتي رهائش پذير آهيون ۽ اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي،جڏهن ته واقعي ۾ مقتول جو پرس موبائل فون گم ۽ گهر ۾ موجود الماري جو سامان وکريل حالت ۾ آهي ۽ الماري ۾ پيل زيور وغيره پڻ موجود آهن هن ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس تي اعتماد جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مون کي پوليس تي مڪمل اعتماد آهي ۽ اميد اٿم ته پوليس اڻ ڌري جاچ ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪندي جڏهن ته مليرسٽي پوليس ايف آئي آر داخل ٿيڻ بعد واقعي جي ابتدائي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 29

بخش ڪلهوڙو قتل، خانپور اسپتال ۾ لاش منتقل ،ڊاڪٽر نه هجڻ سبب شڪارپور منتقل ، شڪارپور کان وري خانپور منتقل ،3 ڪلاڪن ڪانپوءِ خانپور ۾ مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ، جوابدار پيرل ڪلهوڙو جي ڌر رحيم بخش کي زمين کان ايندي فائرڪري قتل ڪيو آهي ، ڊاڪٽرن پوسٽ مارٽم لاءِ ڪيترن ڪلاڪن کان ريفر جي راند ڪري اسان کي وڌيڪ پريشان ڪيو ،مقتول جا وارث ،پوليس جوابدار ڌر جي گهرن تي چڙهائي ،جوابدار گهر خالي ڪري فرار،ڪجهه پوليس گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيا تفصيل موجب خانپور ويجهو فيضو ٿاڻي جي حد حاجي خان ڪلهوڙو ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ رڪشا ڦر ۽ ڊرائيور جي ملوث واري تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جوابدار پيرل جي ڌر ٻي ڌر جي رحيم بخش ڪلهوڙو کي زمين تان واپس ايندي فائرنگ ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا اهڙي اطلاع بعد مقتول جا وارث واقعي واري هنڌ پهچي ويا جنهن حد جي پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش وارثن سان گڏجي خانپور منتقل ڪيو جتي پي ايڇ آئي جي ڊاڪٽر ليڊي ڊاڪٽر شڪارپور اسپتال لاش پوسٽ مارٽم کان انڪار ڪندي خانپور مان ضروري قانوني ڪاروائي لاءِ چيو ڪيترن ڪلاڪن بعد وارثن هڪ دفعو ٻيهر مقتول جو مڙهه خانپور منتقل ڪيو ويو 3 ڪلاڪن بعد لاش ضروري ڪاروائي ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ان موقعي تي سنڌس جي وارثن جو چوڻ هو ته پيرل جي ڌر اسان جو رڪشو ڦرائيندو هو جنهن ڊرامو رچائي اسان جو رڪشو ڦر ڪرايو جنهن پاڻ اهڙي قسم جو اعتراف پڻ ڪيو جنهن جو ڪيس پڻ درج ٿيل هو اڄ پيرل جي ڌر ناحق ڪري اسان جي نوجوان رحيم بخش ڪلهوڙو کي بندوق جا فائر ڪري قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن ٻي طرف خانپور ۽ شڪارپور اسپتال جي ڊاڪٽرن بلاجواز اسان کي پريشان ڪري خانپور کان شڪارپور وري شڪارپور کان خانپور ريفر ڪري لاڳيتو ٽن ڪلاڪن کان پريشان ڪري بعد ۾ خانپور اسپتال ۾ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪيو ويو هن ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان مڪ جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ۽ ٻي پاسي ڊاڪٽرن پاران لاڳيتو پريشان ڪرڻ واري عمل خلاف صحت کاتي جي وزير ڊاڪٽر عذرا پيچوهو ۽ لاڳاپيل عملدارن کان ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي نوجوان جو مڙهه ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو مقتول جو مڙهه گهر پهچڻ تي سنڌن جي گهر ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 30

ڳوٺ اميربخش ڪلوئي ۾ ٿي جنهن ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار ڊاڪٽر دلدار لغاري اياز ڪوسو ايڊوڪيٽ وسند ٿري فضل الرحمان نهڙيو ايڊوڪيٽ مير بشير اياپو جوٽيجو ماما اشرف رند شاعر ايوب ڪوسو سميت هر مڪتب فڪرجي ماڻهن شرڪت ڪئي ڪيس سندس اباڻي قبرستان ۾ ڌرتي حوالي ڪيو ويو استاد ڪرم ڪلوئي جي اوچتي وڇوڙي تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار ۽ ٻين چيو ته ڪرم ڪلوئي عوامي تحريڪ جو اثاثو هو ضياءِ جي ڪهري مارشلا سميت سنڌ تي ايندڙ هر ڏکئي وقت ۾ پارٽي جو سپاهي ٿي وڙهيو هن طبقاتي نظام خلاف هر محاذ تي جدوجهد ڪئي سنڌس پورو ڪٽنب پارٽي هو اهڙا متحرڪ قومي ڪارڪن قومن جو سرمايو هوندا آهن اهڙا ماڻهو مرڻا ناهن سنڌس تحريڪ ۽ ڇڏيل مشن جاري رهندو عوامي تحريڪ سنڌ سميت سموري دنيا جي مظلوم مسڪين ماڻهن لاءِ جدوجهد جاري رکندي ڪرم ڪلوئي جي وڇوڙي تي سموري سنڌ ڏک ۾ ورتل آهي ان ڏک کي طاقت ۾ تبديل ڪنداسين.

بقايا 31

ڪري ڏني اهڙي اطلاع ڏيڻ تي ايس ڊي پي او سنجهورو ثناءُ الله سيال ۽ ايس ايڇ او سنجهورو محمد علي زرداري کي فوري طور تي واقعي واري هنڌ پهچڻ جو چيو ڌاڙيلن سان فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هڪ ڦورو گل حسن رند کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، جنهن جي قبضي مان ٽي ٽي پسٽل ۽ ڦريل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، زخمي جوابدار کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال پهچايو ويو، جڏهن ته سنڌس ٻه ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. گرفتار جوابدار شهدادپور ٿاڻي تي ڌاڙن ۽ ڦرن جي 03 ڪيسن ۾ پڻ اشتهاري آهي. جوابدار جا وڌيڪ ڪرمنل رڪارڊ ٻين ٿاڻن مان به معلوم ڪيا پيا وڃن. گرفتار جوابدار خلاف پوليس مقابلي ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جي قلمن تحت به وڌيڪ ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 32

گرفتار. حد بندي آرڊيننس تحت 02 جوابدار گرفتار. 01 جوابدار ڌانڌلي ۽ بدانتظامي جي ڪيس ۾ گرفتار. زرعي زمين مان پاڻي چوري ڪيس ۾ 01 جوابدار گرفتار 40 ليٽر ديسي شراب برآمد. 1060 صفينا گٽڪا پاڊيان هٿ ڪيا ويا. 230 اديب گٽڪا پڙي هٿ ڪيا ويا ۽ تفصيل 01 عمرڪوٽ سي آءِ اي پوليس ڪارروائي ڪندي گٽڪا سپلائر ممتاز نهڙي کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدار جي قبضي مان گٽڪا جا 200 ٿيلها 330 ٿيلها هٿ ڪيا ويا. پوليس سٽي ٿاڻي تي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس نمبر گٽڪا عمرڪوٽ سٽي 02 عمرڪوٽ سٽي پوليس گٽڪا فراهم ڪندڙ گهنشام مالهي کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدارن جي قبضي مان 60 سيفنا 30 اديب گٽڪا هٿ ڪيا ويا. پوليس سٽي ٿاڻي تي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس نمبر: U/S 4.5.8 104/2024 گٽڪا ايڪٽ Psعمرڪوٽ سٽي 03 عمرڪوٽ سٽي پوليس اسٽيشن جي ڪارروائي، آن لائين ڪاروبار ۾ ڪروڙين رپين جي فراڊ ۽ ڪرپشن ڪيس ۾ جوابدار جنيد نديم کي گرفتار ڪري ورتو ٽائيم نمبر 04 نبي سر پوليس اسٽيشن جي ڪارروائي حاجي خاصخيلي کي گرفتار ڪري جوابدار جي قبضي مان 5 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪيو ويو ڪيس داخل ڪيو ٽائيم نمبر 05 نبي سر ٿاڻي جي پوليس حاجن ڪولهي جي پي ڪارروائي ڪندي گرفتار جوابدار جي قبضي مان 35 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪيو ويو ڪيس داخل ڪيو ٽائيم نمبر 06). شادي پلي ٿاڻي جي حد ۾ گٽڪا فراهم ڪندڙ عرب مري کي گٽڪا ايڪٽ تحت گرفتار ڪري ورتو جوابدار جي قبضي مان 660 ٿيلها گٽڪا هٿ ڪيا ويا، ڪيس داخل ڪيو ويو ڪيس نمبر گٽڪا ايڪٽ پي ايس شادي پالي. 07 سامارو ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي، زرعي زمين مان پاڻي چوري ڪيس ۾ نامزد جوابدار گرفتار

بقايا 33

جو احتجاجي اجلاس ڪوڙو ڪيس ختم ڪري پاڻي چورن خلاف قدم کڻڻ جو مطالبو احتجاج جو چتاءُ تفصيل موجب فشر فوڪ فورم ضلع بدين جو احتجاجي اجلاس ٿيو جنهن ۾ صدر نبي بخش ملاح، محمد عمر ملاح، عبدالرحمان جت، جمن ملاح، لطيف راهمون، اسماعيل بروهي عثمان منڊرو انور بجير، ٻين شرڪت ڪئي هن موقعي تي اڳواڻ چيو ته بااثر آبادگار عزيز بروهي عطا بروهي قاسم بروهي طارق بروهي آر ڊي 88 ۽ 50 وٽ دڪان هڻي پاڻي چوري ڪري رهيا هئا هيٺ ٽيل ۾ پاڻي نه پهچڻ تي ٽيل جي آبادگارن بلاول بروهي صدرالدين جت جمع بروهي ۽ ٻين سرزمين تي پهچي ڳنڍا کولڻ تي زور پريو ته ساڻن جهيڙو ڪيو ويو بعد ۾ سنڌن وڏن پهچي معافي گهري پاڻي کولايو پر ٻي ڏينهن ڪڏڻ ٿاڻي تي ڄاڻايل پاڻي چورن ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي هنن ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته ڪوڙي ڪيس جي جانچ ڪرائي ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 34

ڊي اي اڳواڻ اڳوڻي ايم اين اي سائره بانو وساڻ چيو آهي ته ايس ايس پي سانگهڙ سياسي پوٽارن جي ونگار وهي ڪارڪنن متان ڪوڙا منشيات جا ڪيس داخل ڪري رهيو آهي اسان هاڻي خاموش نه رهنداسين ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ منشيات جا ٺيڪا جنهن کي ڏئي ويٺل آهي انهن تي به ڪيس داخل ڪري انهن تي نه ڪندو سرعام جوا آڪڙا منشيات ملي رهي آهي هي ونگارو ايس پي خاموش ويٺل آهي هن پنهنجي بيان ۾ چيو ته اگر انتقامي ڪاروايو بند نه ٿيو ته ايس پي جي آفيس به ننڍي هوندي جيتري اسان جي ڌرڻي ۾ ڪارڪنن جي رش هوندي اسان جلسا جلوس ڪنداسين ته اوهان جا روڊ رستا بند ٿي ويندا هن وڌيڪ چيو ته هڪ نمبرڙي ڪارڪن متان اوهان ڪيس داخل ڪيو ٿا ڪنهن نوٽيبل تي ڪيس داخل ڪيو

بقايا 35

جنرل مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن ڪراچي جا اڄ دادو ضلعي جا ڪيترن ئي اسڪولن جا دورا ڪيا. جتي استادن جي حاضري، اسڪول ۾ موجود بنيادي سهولتن، امتحاني سرگرمين سان گڏوگڏ غير نصابي سرگرمين جو پڻ جائزو ورتو وزٽ دوران ڪيترائي استاد ۽ ٻيو عملو ڊيوٽي تان غير حاضر رهيا جنهن جي رپورٽ سيڪٽري اسڪول کي موڪلي ڇڏي. ڊي جي مانيٽرنگ هاءِ اسڪول عبدالرحمان ملاح ايٽ ڪيرو جي وزٽ ڪئي جتي صرف هڪ استاد نالي محمد شريف ۽ هڪ نائب قاصد موجود هو باقي سڄو عملو غير حاضر رهيو پرائمري اسڪول غلام سولنگي جي وزٽ دوران نئين مقرر استاد عرفان علي غير حاضر رهيو جڏهن ته ان جي بدران هڪ پرائيويٽ ماڻهون ان اسڪول هلائي رهيو هو پرائمري اسڪول سوڍي سولنگي جي وزٽ دوران مقرريئي استاد محمد علي ۽ طاهر علي غير حاضر ۽ نائب قاصد نواب علي موجود هو ۽ شاگرد استادن جو انتظار ڪندا رهيا. اليمينٽري اسڪول رکڻ ۽ ٻين اسڪولن جي وزٽ دوران عمارتن جي زبون حالي جو پڻ سخت نوٽس ورتو. ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ اينڊ ايوليوئيشن ڪراچي زين العابدين انصاري وزٽ دوران هڪ بند پيل پرائمري اسڪول ابراهيم پنجابي جيڪو بااثرن جي ذاتي استعمال هيٺ رهيو جنهن ۾ بهه پيل هو جو سختي سان نوٽس ورتو ضلعي ۽ تعلقي سطح تي تعليم کاتي جي انتظامي آفيسرن خلاف پڻ برهمي جو اظهار ڪيو

بقايا 36

هيٺ قاضي احمد جي شهرن قاضي احمد ،دولتپور صفن، شاهپور جهانيان، نواب ولي محمد ۽ نيشنل هاءِ وي روڊ تان غير قانوني حد دخلين کي هٽائڻ لاءِ هڪ اجلاس سنڌس آفيس ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي اسسٽنٽ ڪمشنر طارق علي سولنگي چيو ته وڌندڙ حددخلين ڳاڙين جي آمدرفت ۽ ماڻهن کي اچڻ وڃڻ ۾ سخت ڏکيائين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو انهي لاءِ تعلقي جي سمورن شهرن مان فوري طور تي حددخليون هٽايون وينديون هن وڌيڪ چيو ته تعلقي قاضي احمد جي شهرن ۾ حددخلين جو آزار وڌي ويو آهي ماڻهن سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن اسڪول جي ٻارڙن ۽ روڊ تان گذرندڙ ماڻهو دڪانن اڳيان ۽ روڊ جي وچ تي بيٺل ريڙهن گاڏن چنگچي رڪشائن جي بيهڻ ڪري گذري نٿا سگهن جڏهن ته عام ٽريفڪ سميت نيشنل هاءِ وي تي هلندڙ ٽريفڪ پڻ متاثر ٿي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته اجلاس ڪوٺائڻ جو مقصد غير قانوني حد دخلين کي هٽائڻ لاءِ تجويزون وٺڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته مختيار ڪار قاضي احمد شاهه مراد تنيوجي اڳواڻي ۾ ڪاميٽي جوڙي ويندي جنهن جي نگراني مان پاڻ ڪندس ان ڪاميٽي ۾ سيني ذميوار ادارن فورس ۽ ميڊيا جي نمائندن کي پڻ شامل ڪيو ويندو ۽ جلد حد دخلين ڪندڙ دڪاندارن ۽ ماڻهن کي نوٽيس ڏنا ويندا ۽ مقرر ٽائيم کان پوءِ آپريشن شروع ڪيو ويندو جنهن ۾ ڪا به سفارش يا سياسي دٻاءُ قبول نه ڪيو ويندو هي ڪاروائي مسلسل جاري رهندي ڪنهن سان ڪا رعايت نه ٿيندي اجلاس ۾ مختيارڪار قاضي احمد شاهه مراد تنيو سميت سمورن ٽائون آفيسرن، پوليس ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 37

مظاهرو ڪيو ويو جتي هن صحافين کي ٻڌايو ته هڪ مهينو اڳ ڪپري موري پرسان منهنجي مڙس ڪمون ڪولهي نشي لاءِ پئسا نه ڏيڻ تان مون کي باهه ڏني جنهن ۾ منهنجون ٽنگون، پٺا، ٻانهون ۽ هٿ سڙي ويا آهن هن چيو ته منهنجو مڙس ڪمون آئيس جي نشي جو عادي موالي آهي. پوليس رٽ ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي دفعا وٺي آهيان پر پوليس منهنجي مڙس خلاف ڪو به قانوني قدم نٿي کڻي. هن آئي جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته منهنجي مڙس خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪيو وڃي ۽ ساڻس انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 38

آءِ آر ۽ لوڊشيڊنگ فري فيڊرز ۾ واڌ ڪرڻ جو فيصلو ان ڏس ۾ اهم گڏجاڻي ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ ڪانفرنس هال ۾ ٿي، گڏجاڻي ۾ ڊي آءِ جي پوليس عبدالحميد کوسو خيرپور، سکر، گهوٽڪي جي ڊپٽي ڪمشنرز ايس ايس پيز، ڪاليجز يونيورسٽيز ۽ ٻين تعليمي ادارن جي نمائندن، سيپڪو سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي آفيسرن سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي گڏجاڻي دوران ڊويزن جي سمورن تعليمي ادارن مان آئس نشي سميت ٻيا نشا واپرائڻ واري رپورٽ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل تعليمي ادارن جي نمائندن کي هدايت ڪئي اهڙي صورتحال خلاف فوري ۽ سخت ايڪشن ڪيو وڃي هن چيو ته نوجوان کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ سميت اهڙي ڪڌي عمل تي مڪمل ضابطي لاءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد سان پنجو ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي هن پوليس ۽ ٻين ادارن جي سهڪار سان اهڙي عمل خلاف مڪمل ڪاروائي جي پڻ هدايت ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڊي آءِ جي پي عبدالحميد کوسو چيو ته ڊويزن سطح تي تعليمي ادارن ۾ اهڙي شڪايتن بابت مڪمل نگراني ڪئي ويندي ۽ گهرجي ادارن جي پڻ مدد حاصل ڪئي ويندي. ان سلسلي ۾ نشي وارين شين جي وڪري، شهرن ۾ پهچائڻ، سهولت ڪارن، سرپرستي ڪرڻ وارن خلاف فوري ايڪشن ڪرڻ تي گڏيل طور راضپو ظاهر ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ سيپڪو آفيسرن پاران ٻڌايو ويو ته سکر ضلعي ۾ سيپڪو پاران اعليٰ اختيارن جي هدايت موجب رهتن جي وصولي بابت آپريشن جاري آهي ۽ رڪارڊ وصولي ڪئي وئي آهي 26 فيڊرز مان 10 فيڊرز لوڊشيڊنگ فري ٿي ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ فيڊرز کي پڻ وصولي بعد لوڊشيڊنگ فري ڪيو ويندو. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي سيپڪو خيرپور ۽ گهوٽڪي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ٻنهي ضلعن ۾ وصولي وارو عمل ڪيو وڃي ۽ جنهن فيڊر ۾ وصولي سئو سيڪڙو ٿي ته ان کي فوري لوڊشيڊنگ کان آجو ڪيو وڃي. بجلي چورن خلاف اڏتري ڪاروائي ڪندي ايف آءِ آر ڪرائي وڃي ۽ ڏنڊ هڻي وقت سر وصولي ڪئي وڃي. ڪمشنرسکر ڊويزن سيپڪو انجنيئرز کي هدايت ڪئي ته صارفين کي واڌو بل نه موڪليا وڃن ريڊنگ مطابق چارج ڪيو وڃي ڊيڊڪشن بل مسئلن ۽ رهتن جي وصولي جو حل ناهن. گڏجاڻي ۾ ڊويزن سطح تي ٻين اهم معاملن تي پڻ تفصيل سان غور ويچار ڪيو ويو جتي فيصلو ڪيو ويو ته خيرپور، سکر، گهوٽڪي ۽ رينيو سيپڪو، پوليس، تعليمي ادارن يونيورسٽيز مختلف آءِ ٽي سينٽرن ۾ گڏيل طور نمائندن جي مقرري لاءِ پڻ ميڪنزم جوڙي تعليم حاصل ڪرڻ وارن نوجوانن جي روشن مستقبل لاءِ عملدرآمد ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارن، ملوث ماڻهن ۽ شهرن جي ماحول کي خراب ڪرڻ وارن کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو

لاءِ پڻ ميڪنزم جوڙي تعليم حاصل ڪرڻ وارن نوجوانن جي روشن مستقبل لاءِ عملدرآمد ڪيو وڃي ان سلسلي ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارن، ملوث ماڻهن ۽ شهرن جي ماحول کي خراب ڪرڻ وارن کي هرگز بخش نه ڪيو ويندو

بقايا 39

جو نوٽيس وٺن اسٽريٽ لائيٽن جي خريداري ۾ مبينه 8 لک 20 هزار رپين جي ڪرپشن ڪئي وئي، گذريل مهيني واٽر سپلاءِ جا 22 لک رپين کان وڌيڪ جا بل ڄاڻايا ويا. واٽر سپلائي تي سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ لڳائي عوام جي پئسن کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي. سانگهڙ ميونسپل ڪاميٽيءَ عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو عوام جمهوري عمل کي مستحڪم بنائڻ لاءِ 6 ڪائونسلرن کي چونڊي ووٽ ڏياري 70 سالن کانپوءِ سانگهڙ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو ۾ 10 مهينن جي عرصي ۾ ميونسپل انتظاميه جا پول پڌرا ٿي ويا ۽ ڪارڪردگي ٻڙي نظر آئي، پهريون سوجهرو به ڇٽ ٿي ويو عوام مايوسي جو شڪار ٿي ويئي. عوامي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ بدران انتظاميه پنهنجا کيسا ڀريو ۽ ڪرپشن ڪريو جي پاليسي تي عمل پيرا ٿي ويئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيئرمين جي نگراني ۾ سرڪاري ۽ پرائيويٽ عملي سان گڏ جوڙ ڪري اسٽريٽ لائيٽس جي خريداري ۾ سستي اگهه تي خريداري ڪري خردبرد جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ميونسپل چيئرمين راشد اسلام مغل هڪ ٺي ماڊل جي ٽي نمبر لائيٽس سانگهڙ ميرپور روڊتان خريد ڪري في لائيٽ مبينه 16 هزار رپيا ڄاڻائي آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته راشد اسلام مغل ساڳي ڪمپني جو لائٽون حيدرآباد مان 7 هزار 8 سو ۾ خريد ڪري 16 هزار جو بل ڄاڻايو آهي، اهڙي طرح 100 لائيٽس ۾ 8 لک 20 هزار جي ڪرپشن ڪئي ويئي آهي،اهڙي طرح هڪ مهينو اڳ واٽر سپلاءِ جي مرمت لاءِ 22 لک کان وڌيڪ رقم جا بل تيار ڪيا ويا آهن.سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ شير شاهه مان خريد ڪري نون انجڻن جي خريداري ڄاڻائي وئي آهي ۽ پنهنجي من پسند ميڊيا ذريعي پاڻ کي مشهور ڪري پنهنجي ڪرپشن لڪائڻ لاءِ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهيو آهي، سنڌ حڪومت پاران واٽر سپلائي لاءِ هر ماهه 7 لک 73 هزار اسپيشل فنڊ طور جاري ڪيا وڃن ٿا انهن فنڊن کي ٻنهي هٿن سان هڙپ ڪيو پيو وڃي، واهن جي ٻندش دوران اهڙا ڪي به مثبت قدم نه کنيا ويا جيئن عوام پاڻي جو ڍڪ پي سگهي عوام پاڻي ڍڪ لاءِ پريشان رهي. متڙانو ڪئنال مان پائيپ واري منصوبي ذريعي پاڻي نه پهچي سگهيو ان منصوبي تي هڪ ارب رپيا خرچ ڪيا ويا هئا پر ڪرپشن ذريعي ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻ بدران ان کي ناڪام ڪيو پيو وڃي، ميونسپل چيئرمين راشد اسلام مغل کان موقف وٺڻ لاءِ رابطو ڪيو ويو پر هن ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ميونسپل انتظاميه کان ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته سرڪاري خرچن جو حساب ڪتاب عوام جي سامهون رکيو وڃي ته جيئن شفافيت قائم ٿي سگهي پر هن جي ڪنن تي جون به نه سري. عوامي مطالبي ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نئين چونڊيل ايم اين اي شازيه عطا مري ۽ پيپلز پارٽي جي صوبائي ٽڪيٽ هولڊر نويد ڏيرو کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته بلديه سانگهڙ جي ڪرپشن جو نوٽيس وٺي بلديه تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن صفائي سترائي ۽ پاڻي جهڙا مسئلا حل ڪري سگهجن. ٻي صورت ۾ ايندڙ اليڪشن ۾ عوامي رد عمل پيپلز پارٽي خلاف ٿي سگهي ٿو

بقايا 40

آءِ آر ۽ لوڊشيڊنگ فري فيڊرز ۾ واڌ ڪرڻ جو فيصلو ان ڏس ۾ اهم گڏجاڻي ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ ڪانفرنس هال ۾ ٿي، گڏجاڻي ۾ ڊي آءِ جي پوليس عبدالحميد کوسو خيرپور، سکر، گهوٽڪي جي ڊپٽي ڪمشنرز ايس ايس پيز، ڪاليجز يونيورسٽيز ۽ ٻين تعليمي ادارن جي نمائندن، سيپڪو سکر، خيرپور ۽ گهوٽڪي جي آفيسرن سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي گڏجاڻي دوران ڊويزن جي سمورن تعليمي ادارن مان آئس نشي سميت ٻيا نشا واپرائڻ واري رپورٽ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي لاڳاپيل تعليمي ادارن جي نمائندن کي هدايت ڪئي اهڙي صورتحال خلاف فوري ۽ سخت ايڪشن ڪيو وڃي هن چيو ته نوجوان کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ سميت اهڙي ڪڌي عمل تي مڪمل ضابطي لاءِ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي مدد سان پنجو ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي هن پوليس ۽ ٻين ادارن جي سهڪار سان اهڙي عمل خلاف مڪمل ڪاروائي جي پڻ هدايت ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڊي آءِ جي پي عبدالحميد کوسو چيو ته ڊويزن سطح تي تعليمي ادارن ۾ اهڙي شڪايتن بابت مڪمل نگراني ڪئي ويندي ۽ گهرجي ادارن جي پڻ مدد حاصل ڪئي ويندي. ان سلسلي ۾ نشي وارين شين جي وڪري، شهرن ۾ پهچائڻ، سهولت ڪارن، سرپرستي ڪرڻ وارن خلاف فوري ايڪشن ڪرڻ تي گڏيل طور راضپو ظاهر ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ سيپڪو آفيسرن پاران ٻڌايو ويو ته سکر ضلعي ۾ سيپڪو پاران اعليٰ اختيارن جي هدايت موجب رهتن جي وصولي بابت آپريشن جاري آهي ۽ رڪارڊ وصولي ڪئي وئي آهي 26 فيڊرز مان 10 فيڊرز لوڊشيڊنگ فري ٿي ويا آهن جڏهن ته وڌيڪ فيڊرز کي پڻ وصولي بعد لوڊشيڊنگ فري ڪيو ويندو. ڪمشنر سکر ڊويزن فياض حسين عباسي سيپڪو خيرپور ۽ گهوٽڪي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ٻنهي ضلعن ۾ وصولي وارو عمل ڪيو وڃي ۽ جنهن فيڊر ۾ وصولي سئو سيڪڙو ٿي ته ان کي فوري لوڊشيڊنگ کان آجو ڪيو وڃي. بجلي چورن خلاف اڏتري ڪاروائي ڪندي ايف آءِ آر ڪرائي وڃي ۽ ڏنڊ هڻي وقت سر وصولي ڪئي وڃي. ڪمشنرسکر ڊويزن سيپڪو انجنيئرز کي هدايت ڪئي ته صارفين کي واڌو بل نه موڪليا وڃن ريڊنگ مطابق چارج ڪيو وڃي ڊيڊڪشن بل مسئلن ۽ رهتن جي وصولي جو حل ناهن. گڏجاڻي ۾ ڊويزن سطح تي ٻين اهم معاملن تي پڻ تفصيل سان غور ويچار ڪيو ويو جتي فيصلو ڪيو ويو ته خيرپور، سکر، گهوٽڪي ۽ رينيو سيپڪو، پوليس، تعليمي ادارن يونيورسٽيز مختلف آءِ ٽي سينٽرن ۾ گڏيل طور نمائندن جي مقرري

بقايا 41

ڇڏيو آهي تفصيل موجب بدين جي رهاڪشي نائين ڪلاس جي شاگرد شعبان پٽي پنهنجي ماءُ ۽ چاچي ذوالفقار پٽي سان گڏجي نيشنل پريس ڪلب بدين ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته آئون غريب آباد ۾ ميڊيڪل اسٽور تي ڪم ڪندو هئس ڪجهه ڏينهن پهرين آئون اسٽور تان واپس پنهنجي گهر وڃي رهيو هئس ته پ پ پ بدين سٽي جو صدر ۽ يونين ڪائونسل حاجي قاس آبڙو جو چيئرمين غلام رسول سومرو ۽ سنڌس ڊرائيور هوشو قاضي مون کي زبردستي گاڏي ۾ وجهي مهراڻ چوڪ لڳ هڪ جاءِ تي کڻي ويا جتي هنن مون سان زبردستي بد فعلي ڪري منهنجي وڊيو ٺاهي مون کي ڪيترن ڏينهن کان بليڪ ميل ڪري رهيا آهن شعبان جي والده ٻڌايو ته منهنجو پٽ ڪافي ڏينهن کان گهر سر خاموش رهڻ لڳو ان تي آئون مسلسل شعبان کان پڇندي رهيس هن جو اهڙي خاموشي اختيار ڪئي آهي ۽ اسٽور تي به نٿو وڃي ۽ گهر کان ٻاهر وڃڻ به بند ڪري ڇڏيو آهي هن ڪو به جواب نه ڏنو ۽ ڪجهه ڏينهن پهرين شعبان پٽي خودڪشي ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ته اسان هن کان پڇا ڪئي ته آخر ڇا مسئلو آهي جنهن تي شعبان سنڌس سان ٿيل زيادتي بابت تفصيل ٻڌايو ۽ اهو به ٻڌايو ته غلام رسول سومرو ۽ سنڌس ڊرائيور هوشو زبردستي زنا دوران هن جي وڊيو رڪارڊنگ پڻ ڪئي آهي شعبان پٽي جي والده پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سيشن جج بدين ۽ ايس ايس پي بدين کي انصاف جي اپيل ڪندي چيو ته جوابدار گرفتار ڪري انهن کي سزا ڏني وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف ايس ايس پي بدين جي هدايت تي شعبان پٽي جي چاچي ذوالفقار پٽي جي فرياد تي بدين ٿاڻي تي پ پ پ صدر ۽ يوسي چيئرمين غلام رسول سومرو ۽ سنڌس ڊرائيور هوشو قاضي تي قلم 337/34 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 42

جو نوٽيس وٺن اسٽريٽ لائيٽن جي خريداري ۾ مبينه 8 لک 20 هزار رپين جي ڪرپشن ڪئي وئي، گذريل مهيني واٽر سپلاءِ جا 22 لک رپين کان وڌيڪ جا بل ڄاڻايا ويا. واٽر سپلائي تي سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ لڳائي عوام جي پئسن کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي. سانگهڙ ميونسپل ڪاميٽيءَ عوام جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو عوام جمهوري عمل کي مستحڪم بنائڻ لاءِ 6 ڪائونسلرن کي چونڊي ووٽ ڏياري 70 سالن کانپوءِ سانگهڙ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين چونڊيو ويو ۾ 10 مهينن جي عرصي ۾ ميونسپل انتظاميه جا پول پڌرا ٿي ويا ۽ ڪارڪردگي ٻڙي نظر آئي، پهريون سوجهرو به ڇٽ ٿي ويو عوام مايوسي جو شڪار ٿي ويئي. عوامي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ بدران انتظاميه پنهنجا کيسا ڀريو ۽ ڪرپشن ڪريو جي پاليسي تي عمل پيرا ٿي ويئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيئرمين جي نگراني ۾ سرڪاري ۽ پرائيويٽ عملي سان گڏ جوڙ ڪري اسٽريٽ لائيٽس جي خريداري ۾ سستي اگهه تي خريداري ڪري خردبرد جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. ميونسپل چيئرمين راشد اسلام مغل هڪ ٺي ماڊل جي ٽي نمبر لائيٽس سانگهڙ ميرپور روڊتان خريد ڪري في لائيٽ مبينه 16 هزار رپيا ڄاڻائي آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته راشد اسلام مغل ساڳي ڪمپني جو لائٽون حيدرآباد مان 7 هزار 8 سو ۾ خريد ڪري 16 هزار جو بل ڄاڻايو آهي، اهڙي طرح 100 لائيٽس ۾ 8 لک 20 هزار جي ڪرپشن ڪئي ويئي آهي،اهڙي طرح هڪ مهينو اڳ واٽر سپلاءِ جي مرمت لاءِ 22 لک کان وڌيڪ رقم جا بل تيار ڪيا ويا آهن.سيڪنڊ هينڊ ڊيزل انجڻ شير شاهه مان خريد ڪري نون انجڻن جي خريداري ڄاڻائي وئي آهي ۽ پنهنجي من پسند ميڊيا ذريعي پاڻ کي مشهور ڪري پنهنجي ڪرپشن لڪائڻ لاءِ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهيو آهي، سنڌ حڪومت پاران واٽر سپلائي لاءِ هر ماهه 7 لک 73 هزار اسپيشل فنڊ طور جاري ڪيا وڃن ٿا انهن فنڊن کي ٻنهي هٿن سان هڙپ ڪيو پيو وڃي، واهن جي ٻندش دوران اهڙا ڪي به مثبت قدم نه کنيا ويا جيئن عوام پاڻي جو ڍڪ پي سگهي عوام پاڻي ڍڪ لاءِ پريشان رهي. متڙانو ڪئنال مان پائيپ واري منصوبي ذريعي پاڻي نه پهچي سگهيو ان منصوبي تي هڪ ارب رپيا خرچ ڪيا ويا هئا پر ڪرپشن ذريعي ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻ بدران ان کي ناڪام ڪيو پيو وڃي، ميونسپل چيئرمين راشد اسلام مغل کان موقف وٺڻ لاءِ رابطو ڪيو ويو پر هن ڪجهه به ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو ميونسپل انتظاميه کان ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته سرڪاري خرچن جو حساب ڪتاب عوام جي سامهون رکيو وڃي ته جيئن شفافيت قائم ٿي سگهي پر هن جي ڪنن تي جون به نه سري. عوامي مطالبي ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نئين چونڊيل ايم اين اي شازيه عطا مري ۽ پيپلز پارٽي جي صوبائي ٽڪيٽ هولڊر نويد ڏيرو کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته بلديه سانگهڙ جي ڪرپشن جو نوٽيس وٺي بلديه تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ته جيئن صفائي سترائي ۽ پاڻي جهڙا مسئلا حل ڪري سگهجن. ٻي صورت ۾ ايندڙ اليڪشن ۾ عوامي رد عمل پيپلز پارٽي خلاف ٿي سگهي ٿو

بقايا 43

سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ٽي ڏينهن اڳ راجا اوڊانو ساٿين سان گڏ منهنجي گهر ۾ داخل ٿي گهر ۾ موجود گهر ڀاتين کي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ منهنجي نوجوان ڌيءَ ناديا کي اغوا ڪرڻ سان گڏ گهر ۾ رکيل سامان ۽ روڪ رقم ڦرڪري فرار ٿي ويا آهن جڏهن ته پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ملوث ماڻهو موتمار ڌمڪيون پيا ڏين. هن ايس ايس پي سکر ۽ اختيارن کان ڌيءَ کي بازياب ڪرائي جوابدارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

تصحيح

10.04.2024 جي روزاني "امت" ۾ شايع ٿيل ڊائريڪٽوريٽ فشريز سنڌ (مرين) ڪراچي جي ٽينڊر (NIT)جو حوالو نمبر: INF_KRY_1010/24. روزاني "ڊان". تاريخ . 10.04.2024. روزاني "سنڌ يار". تاريخ 10.04.2024. لاءِ (ريگيولر بجيٽ).

پندرهن (15) ڏينهن کان گهٽ جوابي وقت جي ڪري، مٿي ڄاڻايل نوٽيس دعوت ڏيڻ واري ٽينڊر (NIT) کي SSPRAجي ويب سائيٽ تي دير سان اپ لوڊ ڪرڻ جي ڪري ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2013) جي قاعدي_18 جي پچڪڙي کان بچڻ لاءِ، تاريخ 30.04.2024 کان 08.05.2024 تائين ٽينڊر دستاويزن جي خريداري جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي. جنهن کان پوءِ 08.05.2024 کان اڳ ٽينڊر دستاويز جمع ڪرائڻ جي تاريخ 12.30 وڳي ۽ ان ئي تاريخ تي 3:00 وڳي تي ڊسٽرڪٽ فشريز سنڌ جي آفيس ۾ کليل آهي. (مئرين) ڪراچي، بيرڪ نمبر 45_A، پاڪستان سيڪريٽريٽ صدر ڪراچي.

ڊائريڪٽر فشريز سنڌ
مئرين ڪراچي

پڙهندي سنڌ ته.... وڌندي سنڌ
INF/KRY#1112/24